

لفظن جي خوشبو
احسان دانش
لفظن جي خوشبو
احسان دانش
ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو
1
ڏاهپ

# لفظن جي خوشبو

(شاعري)

## احسان دانش

ڏاهپ پبليڪيشن
لاڙڪاڻو ـ 2010ع

نيٽ ايڊيشن

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڪتاب نمبر - 1**

© ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو- 2010ع

ڪتاب: **لفظن جي خوشبو**
شاعر: **احسان دانش**
موضوع: **شاعري**
ٽائيٽل : **احسان دانش**
پهريون ڇاپو: **مارچ 2010ع**
ڇپائيندڙ: **رياضت پرڙو**
پاران: **ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو**


**قيمت: 100 رپيا**

"LAFZAN JEE KHUSHBOO"
**[Poetry in Sindhi Language]**

**Written by: *Ahsan Danish***
**1st Edition: March 2010 A.D**
**Published by: Dahap Publication, Larkano**
**E-mail: dahappublication@yahoo.com**

# ارپنا

سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعرن
۽ پنهنجن محبوب دوستن

فياض لطيف، رياضت ٻرڙي ۽ ساجد سنڌيءَ
جي نالي.

- احسان دانش

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(170)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”لفظن جي خوشبو“** ناميارِي شاعر ۽ ليکڪ احسان دانش جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب **ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو** پاران 2010ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست رياضت برڙي جا جنهن سافٽ ڪاپي موڪلي، ٿورا پياري احسان دانش جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# سٿاءُ

وکون اجا اڳتي (پبلشر نوٽ) ........................ رياضت ٻرڙو 08
پياسي من جي صدا ........................................ احسان دانش 10

## غـزل

غزل تـي راءِ ........................................................... اياز گل 17
غزل ........................................................................................... 18

## نظم

نظم تي راءِ .................................................... حبيب ساجد 72
نظم ........................................................................................... 73

## بيت

بيت تي راءِ .................................................... سعيد ميمڻ 103
بيت ........................................................................................... 104

## وائيون

واين تي راءِ .................................................... عادل عباسي 117
وائيون ر ..................................................................................... 118

## هائيڪا / ٽيڙو

هائيڪي / ٽيڙو تي راءِ ........................................ تاج جويو 129
هائيڪا / ٽيڙو.............................................................................. 130

## چوسٽا

چوسٽن تي راءِ ....................................................... مقصود گل 144

## ست رنگيون

ست رنگين تي راءِ ............................................. ياسر قاضي 153

# وِکون اجا اڳتي

سنڌي ٻوليءَ ۾سرجندڙ شعري ادب جنهن خوبصورتيءَ سان وڌندڙ راهن تي پنهنجي فڪري ۽ فني سگهه سان، انسانذات جي اجتماعي ڏاهپ کي بنياد بڻائي، ڏکن ۽ سکن جي احساسن کي پاڻ منجهه سمائي، جنهن ماڻهپي جي منزل ڏانهن مسلسل وڌي رهيو آهي سا ڳاله تحسين ۽ آفرين لائق آهي. يقيناً ان سفر ۾ انيڪ دلربا نانءَ آهن جيڪي هر ان هنڌان نروار ٿيا آهن جتي سنڌي ماڻهو موجود آهن، تنهن هوندي بہ ان جي پڪيڙ اُپڪنڊُ تائين وڌيڪ ۽ مرڪزُ سنڌ ديس ئي آهي. ان سهڻيءَ سنڌ جي تاريخي ماڳ موهين-دڙي جي ضلعي ۽ شهر لاڙڪاڻي جو نالي وارو شاعر **احسان دانش** انهن اهم شاعرن ۾ شامل آهي، جيڪي نئين ٿهيءَ کان اڳتي وڌي، نمايان شاعرن ۾ پنهنجي سڃاڻپ سنڌي ادبي دنيا ۾ ناهي چُڪا آهن.

مون "سنڌي ادبي دنيا" جا لفظ ان ڪري ڪتب آندا آهن جو احسان دانش جي سڃاڻپ فقط شاعري ناهي. هُو شاعر هجڻ سميت سنو ڪهاڻيڪار، مضمون نويس، محقق ۽ ڪالمڪار بہ آهي. هن جي سرجيل نثر ۽ نظم جو اظهار سندس ڪهاڻين جي مجموعي "**بي سُڪون خواب جو سچ**"، تاريخي مقالن جي سهيڙ "**لاڙڪاڻو: تاريخي ۽ تحقيقي مطالعو**"، لاڙڪاڻي جي اهم شخصيتن بابت مرتب ڪيل ڪتاب "**ويل نہ وسريام**" ۽ موجوده شعري مجموعي "**لفظن جي خوشبو**" مان بخوبي ٿئي ٿو. ان کان

سواءِ هُو موهين-دڙي بابت هڪ تحقيقي ڪتاب "**سنڌو سپيتا جو عظيم ورثو موهن جو دڙو**" پڻ مرتب ۽ ايڊٽ ڪري چڪو آهي، جيڪو ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.

احسان دانش جا شاعراڻا خيال بنيادي طور پيار ۽ محبت جي محور تي رقص ڪن ٿا ۽ مختلف صنفن جي صورت ۾ منظوم آهن. جيئن تہ هيءُ احسان دانش جو پهريون شاعريءَ جو مجموعو آهي، ان ڪري ان ۾ سندس شاعريءَ جي بہ چونڊ آهي، خاص طور هن ۾ **ست رنگي** نئين شعري صنف آهي جيڪا احسان دانش جي اندلني سوچن جي سهڻائپ مان اُپري، شاعريءَ جي اُفق تي ست رنگ پکيڙي بيٺي آهي. مون کي اميد آهي تہ شاعريءَ جا تنقيدنگار ۽ خود شاعر پڻ ان صنف تي ڌيان مرڪوز ڪندا ۽ ان جي ادبي حيثيت کي قبوليت جو شرف ڏيندا.

'ڏاهپ پبليڪشن قنبر' توڙي 'ڏاهپ اڪيڊمي قنبر' جي پليٽفارم تان، مان اڳ ۾ ڪجھ ڪتاب ڇپي پڌرا ڪيا آهن. ان سلسلي کي نئين سِر، هاڻي لاڙڪاڻي مان، پنهنجي بهترين ۽ دل گهريي ادبي دوست **احسان دانش** جي ڪتاب "**لفظن جي خوشبو**" سان اڳتي وڌائي رهيو آهيان. اميد اٿم تہ اوهان طرفان سڀڳنڊ پريو ساٿ نصيب ٿيندم.

اوهان جي تعميري راين جو اوسيئڙو رهندو.

رياضت ٻرڙو

# پياسي من جي صدا

شاعري منهنجي نظر ۾ زندگيءَ جي مک تي مرڪ جي لڪير وانگر به آهي ته روح جي پاتال مان پُرندڙ سُڏڪي وانگر به، جنهن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ هڪ انوکي بصارت ۽ بصيرت جي ضرورت هوندي آهي. ادب ۾ پوسٽ ماڊرن ازم وارو لاڙو ان لحاظ کان اهم آهي ته ان ۾ تخليقڪار کان وڌيڪ تخليقي سگهه جي پرک کي اهميت ڏيندي قاري کي ان تخليق جي گهڻ رخي تشريح جو موقعو ڏنو ويجي ٿو. تخليقڪار جي اهميت پنهنجي جاءِ تي آهي جو ته اهو احساسن جي هڪ اڻ ڏٺي دنيا کي جنمي ٿو، پر حقيقت ۾ هڪ بهترين تخليق ان هيري وانگر آهي جنهن جي هر رخ ۾ پنهنجي جوت ۽ جلوو آهي، پر ان جي اهميت کان ڪو اهڙو جوهري ئي آشنا ٿي سگهي ٿو جنهن کي ان جي قدر ۽ قيمت جو اندازو هوندو... هڪ شاعر جيڪا احساس جي دنيا تخليق ڪري ٿو ان کان ڪوئي تيسيتائين لطف اندوز ٿي ئي نه ٿو سگهي جيسيتائين اهو ان تخليقي لطافت کي پنهنجي اندر جي ڪائنات ۾ هڪ تحرڪ وانگر محسوس نه ڪري. هونءَ به هڪ بهترين شعر دل جي دنيا کي ڌوڏي، سوچ ۾ هلچل مچائي ڇڏيندو آهي.

آءُ پنهنجي شاعريءَ لاءِ ڪا به دعوىٰ نه ٿو ڪريان. مان پنهنجي تخليقي سگهه جي حوالي سان به ڪنهن خوشفهميءَ جو شڪار نه آهيان، البته اهو ڄاڻان ٿو ته مون جيڪو ڪجهه لکيو آهي اهو روح جي پاتال ۾ پيهي لکيو آهي. ها! منهنجي شاعري منهنجي احساس جي پوترتا جي گواهه آهي. مان پنهنجي هيءَ سموري شاعري اوهان جي مهربان هٿن ۾ رکي آهي. اوهان ئي ان کي انيڪ معنائون ڏئي

سگهو ٿا ۽ اوهان ئي منهنجي اندر جي دنيا کي دريافت ڪري سگهو ٿا.

منهنجي اندر جي دنيا هڪ انوکي پياس سان تاسيل به آهي. منهنجو من ان پياسي سپيءَ وانگر آهي، جيڪا سدا مينهن ڦڙي جي متلاشي هوندي آهي. منهنجو من محبت جي مينهن ڦڙيءَ کي موتي بڻائڻ جي سگهه رکي ٿو. مون کي لڳندو آهي ته ڪبير جو هي دوهو منهنجي پياسي من جي صدا آهي:

ڪبيرا سيپ سمندر ڪي رٽي پياس پياس،
اور بوند ڪو ناگهي، سواتي بوند ڪي آس.

(اي ڪبير! سمنڊ جي سپي اڃ اڃ پڪاريندي رهي ٿي، ڪيس ٻي ڪا بوند نه کپي، هن کي رڳو مينهن ڦڙيءَ جي آس آهي.)

آءٌ سوچيان ٿو منهنجي تخليقي عمر جا 21 سال ڪيڏي نه تيزيءَ سان گذري ويا آهن! ياد جي وير ماضيءَ جي انيڪ پلن جا ڪوڏ هٿن ۾ ڏئي وئي آهي. لاڙڪاڻي ۾ مشاعرن جي موسم، وزن بحر جي پير تي ڏونڪو، طرحي ترڪتالين جي تال تي نچڻ، ترقي پسنديءَ ۽ رجعت پسنديءَ جا رينگٽ، ادبي اختلاف، ڏي جواب وٺ جواب، نئين شاعريءَ کان نهڪر ۽ اهڙيون ڪيئي ڳالهيون مون کي لاڙڪاڻي جي ادبي ماضيءَ جا اڻ مٽ نشان محسوس ٿينديون آهن. لاڙڪاڻو جنهن جي ڪلهن تي قدامت پسنديءَ جا ڪوٺ اڏيل آهن، ان ئي لاڙڪاڻي ادب ۾ جديديت کي به جنم ڏنو. ڪشنچند بيوس، هري دلگير، اياز قادريءَ، جمال ابڙي ۽ لعل پشپ کان وٺي ڪيهر شوڪت، رزاق مهر، محمد علي پناڻ ۽ سعيد ميمڻ تائين، لاڙڪاڻي سنڌي ادب ۾ جدت جو هڪ الڳ جهان جوڙيو آهي، جنهن کان ادب جو شاگرد ڪڏهن به ڪن لاٽار نه ٿو ڪري سگهي.

منهنجو هڪ ادبي گهر ۾ جنم مون لاءِ خوشقسمتي آهي. دوستن جهڙي والد جي رهبريءَ ۾ مون ادب جا الاهي سبق سکيا آهن ۽ پنهنجي بابا جي رهنمائيءَ ڪانسواءِ شايد مان ڪنهن پٽڪيل ۽ بي سمت بادل وانگر هجان ها.... مان مڃان ٿو ته لاڙڪاڻي جي جنهن ادبي ماضيءَ جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، ابتدا ۾ ان جو سِڌي يا اڻ سڌي طرح مون ته اثر قبول ڪيو پر سنتت ئي پنهنجو گس گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇو ته ادبي پوليوشن (گدلاڻ) منهنجو ساهه گهٽيندي آهي... مون پنهنجي زندگيءَ ۾ لکڻ کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني آهي. قلم سان منهنجو عشق آهي، ڪتاب منهنجي زندگي آهن، لفظ مون لاءِ پناهه گاهه آهن. مون مسلسل لکيو آهي ۽ لکندو رهان ٿو. مون ڪنڌائتو ويهي خاموشيءَ سان ڪم ڪيو آهي، ۽ ڪڏهن به پنهنجي تخليقي اهميت جو هوڪو نه ڏنو آهي، ڇو ته مون کي وقت تي ويساهه آهي. مان جيون جي هڪ هڪ پل کي قيمتي سمجهان ٿو، تنهنڪري منهنجي زندگي سدا تحرڪ ۾ رهي آهي.

رفتارِ زندگي مين سڪون آئي ڪيا مجال،
طـوفـان ٺـهر پِي جائي تو دريا بَـها ڪري.   (ياس)

مان پنهنجي سموري ادبي سفر ۾ جيتوڻيڪ نثر ۾ ڪهاڻي، مضمون، مقالا ۽ ڪالم به لکندو رهيو آهيان، پر منهنجي پهرين سڃاڻپ نظم (شاعري) آهي. مون پنهنجي ادبي زندگيءَ جي آغاز ۾ سڀ کان پهريان شعر لکيو، ان ڪري پاڻ کي اول ۽ آخر شاعر سمجهان ٿو. اها سڃاڻپ مون کي عزيز آهي. ايليٽ چيو هو ته ”نثر جي بجاءِ نظم احساس ۽ امنگ جي اظهار سان واسطو رکي ٿو.“ ائين ئي مون جڏهن به شاعري ڪئي آهي ته پنهنجي اندر ۾ احساس جي تند کي ڇڙندي محسوس ڪيو آهي. اهو هڪ اتفاق چئجي ته منهنجا

پهريان ٿي ڪتاب نثر ۾ آهن جنهنڪري منهنجي شاعر واري بنيادي سڃاڻپ تي ڪجهه ڪوهيڙو اچي ويو آهي سو هي ڪتاب انهيءَ ڪوهيڙي کي هٽائڻ جي ئي هڪ ڪوشش آهي.

هن ڪتاب ۾ منهنجي گذريل ٻن ڏهاڪن جي شاعري آهي، جنهن ۾ ان دوران ٿيل سماجي اٿل پٿل جا عڪس ۽ اولڙا اوهان کي ضرور نظر ايندا. مان ادب ۾ ان لڏي سان تعلق جوڙڻ پسند ڪندو آهيان جيڪي معيار کي مقدار تي ترجيح ڏين ٿا، اهو ئي سبب آهي جو مون پنهنجي شاعريءَ جي دائرين مان اهي ئي اسم هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن جن کي وڌيڪ اهم سمجهان ٿو. اهو ضروري ناهي ته اهي اوهان لاءِ به اوترا ئي اهم هجن. شايد اوهان انهن شعرن کي اهميت جي نگاهه سان ڏسو جن کي آءٌ هن ڪتاب کان ٻاهر رکيو آهي... مان سمجهان ٿو اهو وقت سِر ڪتاب نه ڇپائڻ جو نقصان آهي.

منهنجا اهي دوست جيڪي مون کي نئين دَور جي چڱن شاعرن جي قطار ۾ بيهاريندا آهن، انهن جو عرصي کان اهو اسرار رهيو آهي ته جتي ڇهنِ مهينن جي ادبي عمر رکندڙ شاعرن جا شعري مجموعا شايع ٿي رهيا آهن، اتي تنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب نه اچڻ زيادتي آهي. مان ڪين سدائين چوندو رهيو آهيان "ادب ۾ عمر نه پر تخليقي قوت کي ڏسڻ کپي..." هو مون سان محبت ڪن ٿا تڏهن ڪين منهنجون خاميون نظر نه ٿيون اچن. "مون ڏي مديون ٿئين، سڄڻ ساڃاهين ۾. (شاهه)" پر مان اڄ پنهنجين سمورين خامين سميت اوهان جي سامهون آهيان.

شاعريءَ جو هي مجموعو محبت جي انهن متوالن لاءِ آهي جيڪي چاهه جي چنڊ کي تڪيندي راتيون گذارين ٿا. هي شعر انهن مستانن کي پنهنجي دل جي قريب محسوس ٿيندا جيڪي پنهنجي سرمستيءَ ۾ صليبن کي به سيني لائڻ کان نه گهٻرائيندا آهن. هنن

شعرن مان درد جي اها لذت بہ ماڻي سگھجي ٿي، جيڪا اندر کي ڪمزور ڪرڻ بدران ويتر سگھہ ڏيندي آهي. هي شعر رڳو شعر نہ آهن پر هڪ وجود ۾ هڪ دَور جي صدا آهن جنهن کي دل جي ڪنن سان ٻڌي سگھجي ٿو. هن شاعريءَ ۾ اوهان کي حسن ۽ جمال جا جلوا بہ پسڻ لاءِ ملندا تہ عشق جا پتنگ بہ تڙپندي نظر ايندا. هن مجموعي ۾ اوهان سماجي سور ۽ ناسور بہ ڏسندؤ تہ فطرت جو موھ ۽ منظر بہ. هن ۾ معصوم خواهشون بہ آهن تہ حسرتون ۽ خواب بہ. انهن سيني شين سان گڏوگڏ هن شعري مجموعي ۾ اوهان کي مايوسيءَ جي پيٽ ۾ اميد وڏيڪ نظر ايندي.

اداسين جا پلئہ جڏ تون مسڪراءِ ڪٽي،
جئين اميد جا جگنو بہ جرڪندا ئي رهن.
نهار وقت جي نيٽن ۾، لڙڪ روڪ پرين،
تہ جيئن درد بيابان ۾ پٽڪندا ئي رهن.

ٽِي ايس ايليٽ لکيو هو تہ ”شاعريءَ ۾ هميشہ ڪنهن نئين تجربي جي ورڪا ٿئي ٿي يا ڪو مانوس يا ڄاتل تجربو نئين ادراڪ ۾ ڄاڻ سان پيش ٿئي ٿو.“ سنڌي شاعريءَ ۾ هيئت ۽ اسلوب جا انيڪ تجربا نظر اچن ٿا، جن مان ڪن صنفي تجربن کي نہ رڳو قبوليت جو شرف مليو آهي پر انهن کي اهميت جي نگاھ سان پڻ ڏٺو وڃي ٿو. مون پڻ سنڌيءَ ۾ هڪ وڏيڪ نئين صنفي تجربي کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي، جنهن کي ’**ست رنگي**‘ جو نالو ڏنو آهي. سنڌي شاعر ان تجربي کي ڪيتري قدر پنهنجو ڪن ٿا، اهو وقت ٻڌائيندو.

مون هن شعري مجموعي جو نالو ”**لفظن جي خوشبو**“ ان ڪري رکيو آهي جو مان سمجهان ٿو تہ هر لفظ ۾ پنهنجي خوشبو هوندي آهي، تنهنڪري هي ڪتاب، جنهن ۾ احساسن سان ٿمڻار انيڪ لفظ

آهن، ان جو نالو ”**لفظن جي خوشبو**“ کان سواءِ ٻيو ڪو ٿي ئي نہ پيو سگهي.

هن ڪتاب جي سونهن ۽ خوشبو ۾ اضافو ڪيو آهي اياز گل، تاج جويي، مقصود گل، عادل عباسي، سعيد ميمڻ، حبيب ساجد ۽ ياسر قاضي جي خوبصورت راين. اهي رايا مختصر هوندي بہ مون لاءِ وڏي اهميت رکن ٿا. مان انهن سيني مهربانن جو دل جي گهرائين سان ٿورائتو آهيان. مان ٿورائتو پنهنجن محبوب دوستن رياضت برڙي، روشن گهانگهري، رضوان گل ۽ فياض لطيف جو بہ آهيان، جن هن ڪتاب جي حوالي سان مفيد مشورا ڏنا. لفظن جي خوشبو اوهان جي ڪومل هٿن ۾ آهي، آس اٿم تہ اها خوشبو هٿون هٿ پکڙبي ويندي.

- احسان دانش

03003431374

ahsandanish@yahoo.com

# غزل



**سنڌي غزل** جو لهجو بدلجي چڪو آهي، فقط گهاڙيٽو غزل جو آهي. ان ۾ فارسي يا اردو غزل جو نالو نشان نہ آهي. سنڌي غزل جون روايتون، بندشون، تشبيهون، استعارا، اشارا، محاڪات وغيره فارسي غزل ۽ اردو غزل کان مختلف آهن.... سنڌ پنهنجي شاهراهہ ڳولي چڪي آهي، جنهن ۾ ڪي ئي راهون ملي وينديون. (**شيخ اياز**)

احسان دانش جي رسالن ۾ ڇپجندڙ شاعري، مان گهڻي وقت کان ڏيان ڏئي پڙهندو رهيو آهيان ۽ سدائين محسوس ڪيو اٿم، تہ هن پنهنجي آس پاس جي ماحول کان سدائين هڪ وک اڳتي ئي وڌائي آهي.

تازو سندس موڪيل غزلَ پڙهي بہ مون اها ئي خوشي محسوس ڪئي آهي، جيڪا موجوده دور جي سٺن نوجوان شاعرن جي شاعري پڙهي محسوس ڪندو رهيو آهيان. احسان دانش نئين غزل جي مزاج کي سڃاڻي بہ ٿو ۽ سمجهي بہ ٿو، تڏهن ئي هن نئين سنڌي غزل جي گهرجن مطابق، غزل رچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. رديف جي سهڻي استعمال سان ڏکي ۽ نندي ٻنهي بحرن ۾ ڪاميابيءَ سان غزل لکڻ، احسان دانش جي تخليقي سگهہ کي ظاهر ڪري ٿو.

منهنجي ذاتي راءِ ۾ هي دور، غزل جي شاعريءَ جو دور آهي. نوجوان شاعرن جو وڏو انگ، غزل جي شاعري ڪري ٿو ۽ خوب ڪري ٿو، تنهن ڪري موجوده دور جي نوجوان غزل گو شاعرن لاءِ اهو پڻ وڏو مسئلو ٿي پيو آهي تہ، هو پنهنجي ڌار سڃاڻپ پيدا ڪري سگهن. لازمي آهي تہ، ان لاءِ آرٽ ۽ ڪرافٽ ٻنهي تي دسترس حاصل ڪرڻي پوندي. احسان دانش  يقينا ان محنت ۽ وقت طلب مرحلي مان گذري رهيو آهي. ان سفر ۾ سندس وڌايل وکون ستت سڦلتا جي ماڳ تي پهچڻ جو ڏسُ ڏين ٿيون.

ـ اياز گل

○

رُج نيڻن ۾ خواب تا پلجن
لمحي لمحي عذاب تا پلجن

تنهنجي نظرن جا گهاوَ ڪير سهي
آڪيرن ۾ عقاب تا پلجن

تو هٽايو نقاب ڇهري تان
پوءِ بہ دل ۾ حجاب تا پلجن

وير خوشبوءِ سان نہ پاڙي سگهندين
روز پون تي گلاب تا پلجن

ساز ۽ سوز آ دل منجھ پريل
ها رڳن ۾ رباب تا پلجن

درد مون لاءِ دادلا آهن
پالڪين ۾ نواب تا پلجن

پنهنجي ڌرتيءَ سان ناهي سچو ڪو
پر گهٽين ۾ خطاب تا پلجن

○

تيرگيءَ سان نياءِ چانڊوڪي
نيڻ راهن وڇاءِ چانڊوڪي

دل جي ڏرتيءَ تان سج لهي ويو آ
پنهنجا ڪرڻا وَساءِ چانڊوڪي

آءٌ تــو لاءِ منتظـر، تنهنجي
منهنجي اکڙين ۾ جاءِ چانڊوڪي

چنڊ چهرو لڪل ڪٿي تو نهي
زلف مُنهن تان هٽاءِ چانڊوڪي

ڏنڌلا خـواب ساپيان ماڻِن
ٿورڙو مسڪراءِ چانڊوڪي

دل جو ويران شهر روشن ڪر
مون سان ناتو نياءِ چانڊوڪي

آس جي پُل پوي نہ پرزا ٿي
آڏو بادل هٽـاءِ چانڊوڪي

ديپ جي روشني تہ جهيڻي آ
ائين نہ ڪنهن کي سَتاءِ چانڊوڪي

○

دل جون آوارگيون ڪيئن ختم ٿي ڪرين
ڇو اجايو تون نيڻن ڪي نم ٿي ڪرين

فاصلن ۾ بہ قربت ڪي محسوس ڪر
روح جي رابطن ڪي مدّم ٿي ڪرين

پيار پردن ۾ پالڻ جي ڪوشش نہ ڪر
تون الائي ڇو ايڏو وهم ٿي ڪرين

آرسيءَ جي اڳيان ڪنڌ ڇو ٿو جهڪئي
او سڪي پاڻ ڪان پيي شرم ٿي ڪرين!

عشق ڪي ڪر نہ نيلام بازار ۾
دل جي دولت جي قيمت ڇو ڪم ٿي ڪرين

آ خزائن جي موسم تہ گذري وئي
ڇو بهارن ۾ تازا زخم ٿي ڪرين

○

ڪڏهن نظرن جي تيرن جا نشانا
ڪڏهن هڪ ديد لئہ تڙپن ديوانا

چمي وڃ منتظر نيڻن کي منهنجي
محبت کي ڏئي وڃ ڪائي معنیٰ

ويا وڪري اکين مان ڪوڙ موتي
لٽايا تنهنجي يادن ۾ خزانا

حياتيءَ جي حقيقت ڪي نہ سمجهئي
دکن کي تو چوين آهن فسانا

اندر ۾ بس رڳو پن ڇڻ جي موسم
نہ ڄاڻان ڪيترا گذريا زمانا

جدائيءَ لاءِ هڪ لمحي جي رنجش
ملڻ لئہ ڪيترا گهرجن بهانا

○

درد وندن جا ڪري پيا ڳوڙها
دل جي زخمن جا ڪري پيا ڳوڙها

ڪوڪَ ڪاريءَ جي ٻُڌي دل ڌڙڪي
منهنجي نيڻن جا ڪري پيا ڳوڙها

وارَ ناريءَ جا ويا چانڊي تي
ڪيئن درپن جا ڪري پيا ڳوڙها

ساز ۾ سوز جڏهن پيدا ٿيو
پوءِ نغمن جا ڪري پيا ڳوڙها

ماڪ ترڪي جو پئي شاخن تي
ڄڻ ته گلڙن جا ڪري پيا ڳوڙها

رات آڪاس تي سڏڪي سڏڪي
نيٺ ڪڪرن جا ڪري پيا ڳوڙها

دل جي صحرا ۾ گل ٽڙيو نه ڪوئي
تڏهن جذبن جا ڪري پيا ڳوڙها

ڪالهه محفل ۾ ها ڪلندي ڪلندي
ڪوڙ مستن جا ڪري پيا ڳوڙها

مون ته روڪڻ گهريا هئا دانش
پو به لفظن جا ڪري پيا ڳوڙها

○

منهنجا جذبا گلاب جيان مهڪيا
دل جا اڌما گلاب جيان مهڪيا

جن ۾ توکي ڏٺو هيو جاني
سارا سپنا گلاب جيان مهڪيا

ها خوشيءَ مان ڪريا هئا جيڪي
لڙڪ منهنجا گلاب جيان مهڪيا

جن تان تنهنجو گذر ٿيو هيڪر
سيئي رستا گلاب جيان مهڪيا

تنهنجي تعريف ۾ چيا ها جي
لفظ منهنجا گلاب جيان مهڪيا

چوطرف پکڙجي وئي خوشبو
منهنجا نغما گلاب جيان مهڪيا

مرڪ تنهنجيءَ مان ڪجھ ٿڙيون مکڙيون
ٿهڪ تنهنجا گلاب جيان مهڪيا

○

غم الم چاهي ۽ خوشي چاهي؟
موت چا آهي زندگي چاهي؟

پيار جو مان ڏيئو جلايان ٿو
لوڪ ڄاڻي تہ روشني چاهي

قرب ۾ ڪنڊ ڪپائي ڇڏجي
جڳ سمجهي تہ دوستي چاهي!

درد جي نانگ جو ڏنگيل آهي
ڪيس ناهي خبر خوشي چاهي

زندگي پر نہ آءُ سمجهي سگهيس
ڪوئي سمجهائي آدمي چاهي؟

عشق جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ ڪان پو
هوش کھڙو ۽ بي خودي چاهي

○

ساز کي تار کان جدا نہ ڪجي
گل کي خار کان جدا نہ ڪجي

ساري ڌرتيءَ مٿان لهو هاري
سونهن سنسار کان جدا نہ ڪجي

نفرتون ڌار ڪجن جيون کان
زندگي پيار کان جدا نہ ڪجي

ماڻهو ماڻهوءَ کان ڇو جدا آهي؟
مٿي هبڪار کان جدا نہ ڪجي

ڏکَ جي فلسفي کي ڪو سمجهي
لڙڪَ کي لارَ کان جدا نہ ڪجي

بس خيالن ۾ سمائي ڇڏجي
دل کي دلدار کان جدا نہ ڪجي

عشق جي ڏن ۾ ٿي ويو آ غرق
يار کي يار کان جدا نہ ڪجي

اڄ بہ منصور ڪيي ڪو دانش
سچ کي دار کان جدا نہ ڪجي

○

پيار ۾ پنهنجو ٻڌائين چونه ٿي
دل چريءَ کي آزمائين چونه ٿي

تنهنجي زلفن ۾ لڪل آ چاندني
چنڊ تان بادل هٽائين چونه ٿي

مرڪ تنهنجيءَ ۾ آ خوشبو پيار جي
جڳ ساري ۾ ورهائين چونه ٿي

تنهنجي نظرن ۾ هزارين رنگ هن
مون کي تون رنگين ٻڌائين چونه ٿي

آ اجو مدت کان هي دل جو شهر
چاهه جون بوندون وَسائين چونه ٿي

هي انڌيرو مونکي ڏيجاري پيو
ڏيپَ لفظن جا جلائين چونه ٿي

هٿ تريءَ تي نانءُ تي منهنجو لکين
پوءِ پي منهنجو سڏائين چونه ٿي

ائين نه پوسٽ تو ٿئي مونکي سکي
شرم جا پردا هٽائين چونه ٿي

○

ننڊ اکين منجهان آ اڏامي وئي
موج چولين منجهان آ اڏامي وئي

مونکي ساڳي محبت کپي ماڻهئو
جيڪا دلين منجهان آ اڏامي وئي

جيڪا خوشبو پرينءَ جي شهر ۾ هئي
سا ٻه گهٽين منجهان آ اڏامي وئي

جاءِ لڙڪن وتي آ اچي مرڪ جي
مرڪ چهرن منجهان آ اڏامي وئي

ڪير موٽائي ڏيندو وري دوستو؟!
مهڪ گلڙن منجهان آ اڏامي وئي

وائڙا تا سيئي شهر واسي لڳن
سوچ ذهنن منجهان آ اڏامي وئي

○

جي ڪجهه بہ مان ڪچان تو
ڪافر سڏيو وڃان تو

آ پـنـڌ سچـوءَ وارو
سوريءَ کي جڻ سڏيان تو

تيــا پير پٿون آهن
منزل ڏي پر وڌان تو

اندر جڏهن جلي تو
تڙپي تڏهن لڪان تو

ڪو راز آهيان شايد
جو دير سان کُلان تو

بي آب مڇيءَ وانگر
توکان بنان لُڇان تو

○

باغن ۾ گلابن زخم ڏنا
صحرا ۾ سرابن زخم ڏنا

ٿڪن جو پڙاڏو سڏڪا هن
مرڪن جي عذابن زخم ڏنا

دل چيهون چيهون ٿي ويئي
لفظن جي عقابن زخم ڏنا

ها تنهنجي ادائن تڙپايو
اکڙين جي عتابن زخم ڏنا

احساس جي ڌرتي لرزي وئي
دردن جي ربابن زخم ڏنا

○

ڏک جيون جو باب سمجهان ٿو
۽ خوشيءَ کي سراب سمجهان ٿو

اڄ ملي دل کي آ خوشي جيڪا
سا الائي ڇو خواب سمجهان ٿو

تنهنجي وڇڙڻ جي هڪ گهڙي جاني
مان ڳرو ڪو عذاب سمجهان ٿو

ڪنهن ڏکويل جي ڳرم لڙڪن کي
پنهنجي اکڙين جو آب سمجهان ٿو

ڪين پُرجهي سگهيم زماني کي
فلسفي جو ڪتاب سمجهان ٿو

سنڌ خاطر جو رتُ وهيو آهي
تنهن کي مشڪ ۽ گلاب سمجهان ٿو

○

منهنجي خوابن جي تعبير آن تون
يا وري منهنجي تقدير آن تون

مون تصور ۾ جيڪا چٽي هئي
هوبهو ساڳي تصوير آن تون

جونِ جي ڪنهن تتل ڏينهن ۾
جنوريءَ جي ٿڌي هير آن تون

آءُ خوشبو جي ڳولا ۾ آهيان
تون عطر آهين عنبير آن تون

بي زبان آءُ دنيا جي آڏو
منهنجي جذبن جو تفسير آن تون

آءُ توکان سوا آهيان مفلس
چوته دانش جي جاگير آن تون

○

مــاٺ طــوفان جي عــلامت آ
۽ جــنون عشــق جــي ضــرورت آ

دل جي زخمن کي رفوء ڪير ڪندو
هي تہ تنهنجي پرين عنايت آ

پنهنجي دامن کي بچائي رکجان
گُلَ سان خار جي رفاقت آ

خوابَ صحرا جو سفر ٿيندا وجن
جڻ سرابن سان منهنجي چاهت آ

آئينہ گر ڪان ڪو پڇي تہ ڏسي
عڪس در عڪس تنهنجي صورت آ

پل زمانو سڄو سڏي ڪافر
تنهنجو جوين ئي منهنجي جنت آ

پنهنجي ديوانگيءَ کي چا چئجي
هي تہ دانش جي دل جي دولت آ

○

تنهنجي نيڻن ۾ جو جادو آهي
تنهن سندم دل کي ڪيو قابو آهي

پيار جو انت نہ ڪائي سرحد
پيار احساس جي خوشبو آهي

دل جي بت خاني ۾ تنهنجي مورت
ها سدا منهنجي روبرو آهي

راهہ جا خار پنبڻين ۾ پلي
ڪئي گلابن سان گفتگو آهي

جان، بيجان کي ڪري زنده
بس اها منهنجي آرزو آهي

ڪوئي آواره چوي يا پاگل
حسن جي مون کي جستجو آهي

دل جي ويرانين ۾ ڀٽڪي ٿو
عشق پياسو ڪوئي آهو آهي

سرخ رهندو ڪڏهن نہ ٿيندو زرد
سچ، مخدوم جو لهو آهي

○

وقتَ ٻيڙيءَ تي تري ٿو ماڻهو
ميڻ ٻتيءَ جان ڳري ٿو ماڻهو

پنهنجي غلطيءَ کي لڪائڻ خاطر
ٻي تي الزام ڌري ٿو ماڻهو

ريت ذري کي خدا جي دعوىٰ
ڪيئن هوائن ۾ تري ٿو ماڻهو

جي ٻڌي سچ ويو تہ چا تي پيو
هڪڙو ڏيئو تہ ٻري ٿو، ماڻهو

روح جي تارَ تارَ کي ڇيڙي
ڪيڏو بيتاب ڪري ٿو ماڻهو

ڪير پياسو آ، پيار جو پاڻي
دل جي گهاگهر مان پري ٿو ماڻهو

پنهنجي نيڻن مان پياري مون کي
ڇو گنهگار ڪري ٿو ماڻهو

شهر جو شهر تي ويو قاتل
ڪيئن ماڻهوءَ تي مري ٿو ماڻهو

○

چپن جا پوپٽ اڏي رهيا هن، گلاب چهرو چمڻ گهرن ٿا
اوهانجا ڪاڪُل ڪڪر ڪڪوريل، هي دل جون تارون ڇُهڻ گهرن ٿا

اوهانجي نيڻن جا پيارا جُگنو، اسان جي دل لئہ ڏيئن سمان هن
ائين اجهائي ڇڏيو نہ جانان، اجا هي ڏيئا جلڻ گهرن ٿا

هي لفظ جيڪي وسن ٿا دل جي اداس ٿر تي ڪنهن وڏ ڦڙي جان
خدارا تن کي نہ روڪجو، ڪجھ پيار جا گل ٽڙڻ گهرن ٿا

ڪٿي آ سورج، ڪٿي آ چندر، ڪٿي ستارا، ڪٿي سمندر
جڏهن اوهان تي نظر جمي ٿي، نہ نيڻ پو ڪجھ ڏسڻ گهرن ٿا

وجود پنهنجو ائين آ وکريل، جيئن زمين تي کي ريت ذرا
اوهانجي ٻانهن جا منتظر هن، ذرا ذرن سان ملڻ گهرن ٿا

بهار موسم لٿي بدن تي، جوان جذبا بہ رقص ڪن ٿا
هي چين جا جلترنگ دل ۾ گهڙي گهڙي پيا ڇڙڻ گهرن ٿا

هي سارا لمحا جيئن ڪي موتي، ٿا وقت مالها ۾ پوئجن پيا
هي سارا احساس دل جي اُجري نديءَ ۾ هر هر ترڻ گهرن ٿا

ها جلوئ سارا ۽ روشنيون سڀ، جهڪيون جهڪيون ڪجھ لڳن ٿيون شايد
اوهانجي زلفن جي چانوري ۾ هي چنڊ تارا لڪڻ گهرن ٿا

اج سموري حيات مرڪي ٿي
دل ۾ جو تنهنجي تات مرڪي ٿي

نيڻ ٻولن ٿا چَپَ چُپِ آهن
تنهنجي من ۾ ڪا بات مرڪي ٿي

تون ٿي مرڪين تہ ٿو لڳي مونکي
جڻ سڄي ڪائنات مرڪي ٿي

تنهنجي آواز جي خوشبو آ اجا
تڏهن ڪمري ۾ سانت مرڪي ٿي

چند سڏڪي ٿو بادلن پويان
ها تڏهن ڪاري رات مرڪي ٿي

لفظ ڪاغذ تي جهومندا ٿا اچن
ذهن ۾ منهنجي ذات مرڪي ٿي

○

نيڻ تنهنجا ڪنول
ڪونہ تنهنجو بدل

پيا ڪُهن تا پرين
ريءَ سرمي ڪجل

تنهنجو جوبن جيئن
ڪوئي تازو غزل

تنهنجا لب سرخ هن
يا ڪوئي گل ٽڙيل

چوڏسا آ سڳنڌ
يونر ڀي آ ڀليل

ياد آهين سدا
ناهي واندو ڪو پل

توسان ناتو جڙي
ٿي حياتي سڦل

○

هي زندگي آ يا پاڻيءَ تي ڪو حباب آهي
مان جنهن کي سمجهو حقيقت سو ڪوئي خواب آهي

ڳَڻيان ٿو وقت جي ميزان ۾ حياتي کي
خوشي آ ٿورڙي ۽ درد بي حساب آهي

قدم قدم تي هي شيشا ۽ پير هن ننگا
نه ڄاڻ ڪهڙي جرم جو ٿيو ارتڪاب آهي

جنم جنم کان جليو هان، مگر جيان ٿو پيو
لهو مان منهنجي ٽڙيو روز هت گلاب آهي

وڃائجي نه وڃان عشق جي سمندر ۾
لهر لهر ۾ آ مستي لڇي پيو آب آهي

ٽٽي نه آئينو دل جو نه عڪس ڏنڏلو ٿي
صدين کان ساھ ۾ سانديو مون ماهتاب آهي

تتل آ ريت گهٽي روح جي رستن جي پرين
مگر نظر جي حدن ۾ اجان سراب آهي

○

پتنگ آهيان پچڻ ٿو چاهيان
مان بس ہ ٿي پل جيئڻ ٿو چاهيان

سجود ۾ سر رکيو آ جانان
چپن جي چانئٺ چمڻ ٿو چاهيان

وجود جو ٿر تتل گھٽو آ
ڪي پيار بوندون پَسڻ ٿو چاهيان

گلابَ ڪومائجن نہ دل جا!
مان خوشبوئن ۾ رهڻ ٿو چاهيان

نہ مونکي ڪوئي بچائي، تنهنجي
اکين جي نَئي ۾ ٻڏڻ ٿو چاهيان

ڪپي نہ مونکي هي جڳ سارو
مان تنهنجي دل ۾ رهڻ ٿو چاهيان

هي ديد تنهنجيءَ ۾ گھاوَ ڪيڏا
گھڙي گھڙي مان ڪسڻ ٿو چاهيان

ها تنهنجي لهجي جو سارو امرت
مان پياسو آهيان پيئڻ ٿو چاهيان

○

ڪو چنگ ڇُري جيڪر
ڪو ساز ڇِڙي جيڪر

بي رنگ حياتي آ
ڪو رنگ ڀري جيڪر

دل ساگر ۾ چاهت
جي ناوَ تري جيڪر

تڙپي ٿو پتنگو پيو
ڪا لاٽ ٻَري جيڪر

مان تارِ محبّت سان
ڪو پيار ڳُهري جيڪر

ها ماڪ محبّت جي
دل گلَ تي ڪِري جيڪر

○

ڪيڏي سندر سار رکي ويو نيڻن ۾
تيز تکي تلوار رکي ويو نيڻن ۾

ساپيائن جا پنڇي زخمي ٿيندا ويا
سپنن جو سنسار رکي ويو نيڻن ۾

دل ڏرتيءَ تان ڳلَ سڙي ويا چاهت جا
پن ڇڻ جا آثار رکي ويو نيڻن ۾

ٿهڪ ته پاڻيءَ ڦوٽا هاڻ گم ٿيندا ويا
پل ۾ لڙڪ هزار رکي ويو نيڻن ۾

چَپَ سدائين لاءِ اجارا رهجي ويا
ءِ هو ڪيڏا نار رکي ويو نيڻن ۾

جيون جو هي سمنڊ ڪٿي جهاڳي سگهندس
زخمن جا انبار رکي ويو نيڻن ۾

○

وحشتون ڪوڙ واٽ تي ملنديون
دهشتون ڪوڙ واٽ تي ملنديون

زندگــيءَ جــو سفــر اڻانــگــو آ
بي رخيون ڪوڙ واٽ تي ملنديون

حوصلو ۽ عزم هجي پختو
روشنيون ڪوڙ واٽ تي ملنديون

بي جرم جي اَچون ٿيون ڪاريون
سي ونيون ڪوڙ واٽ تي ملنديون

بي گناهن جي رَتُ ۾ ڳوڙهن جون
ها! نديون ڪوڙ واٽ تي ملنديون

پيــار جــي راهه جــي مسافر کي
چاهتون ڪوڙ واٽ تي ملنديون

ٻُک جي باهه ۾ جلن ٿيون جي
زندگيون ڪوڙ واٽ تي ملنديون

○

پيار آ چومکي ڏيئي وانگر
چئن اکرن ۾ روشني آهي

ايترو پيو سماج سَندي نہ آ
کوڙ چهرن ۾ روشني آهي

منهنجي اونداهي دل تي هڪڙي نظر
تنهنجي نيڻن ۾ روشني آهي

پل اداسيءَ ۾ تير ياسن پر
چندبہ کرڻن ۾ روشني آهي

نيٺ تارا تکي تکي پوندين
ريت ذرڙن ۾ روشني آهي

مرک تهنجيءَ ۾ جوت آ ايڏي
جيڏي بلبن ۾ روشني آهي

ٻات دهشت جي هر ڳلي دانش
ڪاتي شهرن ۾ روشني آهي

○

بختُ پنھنجو تون آزمائي ڏس
نينھن جي شينھن کي جھڪائي ڏس

عڪس ھُن جو ملي وڃئي شايد
لڙڪَ لارون ڪري وھائي ڏس

ھي انڌيرو نہ انڌيرو رھندو
ھڪڙو ڀيرو تہ مسڪرائي ڏس

دل جي آرام لاءِ ڪافي آ
خوابُ نيڻن ۾ ڪو سجائي ڏس

’پيار‘ ھڪ لفظ نہ آ دريا آ
دل ۾ درياھ کي سمائي ڏس

چوطرف پکڙجي وئي آخر
پيار خوشبو آ، آزمائي ڏس

○

اج تہ چهرو لٽل لٽل آهي
اک ٻہ منهنجي ڀنل ڀنل آهي

درد ڏاڳي ۾ مون خوشيون پويون
هار اڄ سو ڇڳل ڇڳل آهي

سئہ ورهيہ پل گذارجن ليڪن
زندگي جڻ تہ هڪڙو پل آهي

تنهنجو چهرو هو آئينو منهنجو
اڄ اهو چو ٽٽل ٽٽل آهي

چوطرف ٿهڪ ٿا پيا گونجن
پو ٻہ من چو منجهيل منجهيل آهي

غم الم سان ڀريل آ جيون هي
جڻ تہ شاعر جو ڪو غزل آهي

تنهنجي دل تي لکيل هو دانش جو
نانءُ هاڻي ڊٺل ڊٺل آهي

○

حسين لمحا، جميل چهرا، ها ياد آيا شباب سارا
نہ ڪر تون حائل حيا جو پردو، هٽاءِ رخ تان نقاب سارا

لبن تي مرڪون، اکين ۾ جگنو، ادائون قاتل ۽ لفظ شبنم
بدن جي خوشبو سرير سانديي، کُلي ويا دل جا باب سارا

ڪو چنگ چاهت سندو ڇُري ٿو، هي دل دنبوري جيان وڄي ٿي
تڏهن تہ رڳ رڳ منجهان او جانان! ڇڙي پيا هن رباب سارا

ها رنگ و بو جو لڳي ٿو ميلو، ڦرن ٿا پونرا، ڪُڏن ٿا پوپٽ
چمن ۾ چاهت جو آهي چرچو، تڏهن ٽڙيا هن گلاب سارا

مان تنهنجي نيڻن جي ميڪدي مان، پيئان ٿو جانان، جيئان ٿو جانان
ائين جوانيءَ جا جام ڏي تون، وسار هاٽي حجاب سارا

○

قرب جاري هجي
عمر ساري هجي

چوطرف دوستو
بس بَهاري هجي

شال آلي سدا
ترَ جي واري هجي

ڪانءَ گهرجي خوشي
جا اڏاري هجي

سنڌ دشمن مٿان
موتُ طاري هجي

دشمني جي جڳهه
يارَ ياري هجي

سچَ جي راهه تي
وکَ جاري هجي

*

منهنجو جيون بہ جڻ تہ ٿر آهي
مرڪَ تنهنجي ڪوئي ڪڪر آهي

ڳولي ڳولي ٿڪس تہ ياد پيو
منهنجي دل ۾ ئي تنهنجو گهر آهي

سانجهہ سرهيءَ ۾ ساٿ آ تنهنجو
ڪيڏو پيارو پرين پهر آهي

تنهنجي زلفن ۾ شام آ منهنجي
تنهنجي چهري ۾ جڻ سحر آهي

ڪوئي ناهي سفر ۾ گڏ ليڪن
سار تنهنجي تہ همسفر آهي

منهنجي نظرن ۾ ها رڳو تون آن
تنهنجي نظرن جو هي اثر آهي

مون لئہ امرت آ پيار تنهنجو پرين
تنهنجي ڪاوڙ جئين زهر آهي

تون ئي سيراب ڪر اچي سهڻي
ورنہ هي زندگي تہ بر آهي

○

اڪڙين تي ڪرڻن جي بارش
لفظن تي جذبن جي بارش

ڪائي ڪوتا سرجيان ٿو مان
ذهن مٿان سوچن جي بارش

نيڻن جا بادل پرجي ويا
ڪاغذ تي لڙڪن جي بارش

دل جي ڌرتي پياسي آهي
شال وسي قربن جي بارش

جيون ٿو بن رُجَ لڳي ٿو
هيڪر ڪر ٿڪن جي بارش

جيون جي ڪوري ڪاڳر تي
ڪو ته ڪري رنگن جي بارش

احساس جي اندلٺ نڪتي
ٻ بند تي ڳوڙهن جي بارش

○

اڄ ڪُلندا ڏوھ ثواب نوان
جيون جي ڪتاب جا باب نوان

ھر ڏينھن تو ڳوليان تعبيرون
ھر رات ڏسان تو خواب نوان

دل ڌرتيءَ تي احساس جا
ڪي ٽڙندا گل گلاب نوان

پرواز ڪندو ڪيئن پيار پکي
تا اڏرن روز عقاب نوان

مرڪي ته نظر ڪي ڦير نه تون
مون لاءِ نه خلق عذاب نوان

○

واءُ جي جهوٽي جيان گذري ويو
لڙڪُ دامن ۾ ڪٿي گم ٿي ويو

مرڪ تنهنجي آ ڪيو ايڏو اثر
دردُ دل مان ٿي دونهون اڏري ويو

تنهنجي ٻانهن مان جو نڪتو هي وجود
ريت جي ذرڙن جيان وکري ويو

هر گهڙي تنهنجي ئي آهيان ڏيان ۾
مونکان سڀ ڪجهه آپرين وسري ويو

گلَ چونديا پئي مون جيون باغ مان
خارُ دامن ۾ ڪٿان اٽڪي ويو

پيار جو هڪڙو ڏيئو دل ۾ رکيو
پوتُ نفرت جو پَجي نڪري ويو

○

عشق جي الفي پاتي آ
هستي هاڻ سجاتي آ

چاهت منهنجو مذهب آ
نفرت جي ڪنڌ تي ڪاتي آ

تو ساڻ، جيون رنگ رتول
توبن رُڃَ حياتي آ

توسان جيءُ جڙي ويو آ
ناتو هي جذباتي آ

دل ۾ درد ائين وينو
ڄڻ ڪوئي گهر ياتي آ

○

ڪڻ پنبٽين کي ڪجھ ڪول اکيون
ايئن سپنن ۾ ته نه رول اکيون

هيرا به پترءِ موتي به رتيون
تنهنجون هي ٻئي انمول اکيون

مرڪن ٽيون رڳوءِ ڪجليون ڪاريون
ٽيون مُندي چڏن ماحول اکيون

ڪيئن لوڪ سمورو ساڃاهي
جو ٻولن وينيون ٻول اکيون

ٻوڙي ٽيون چڏنءِ هڪ لمحي ۾
ائين سمند جيان ته نه چول اکيون

جاچي مون ڏٺيون جڳ ساري ۾
اهڙيون نه ڏٺيون مون ڊولَ اکيون

○

سوچون ۽ سپنا، توکي ڳولن ٿا
اندر جا اڌما، توکي ڳولن ٿا

تو جي پيرن سان، چيپاٽيا ها سي
ڪوماٽيل گلڙا، توکي ڳولن ٿا

دل جي آڳر تي، آهن جي ڦهليل
هي تنهنجا پاڇا، توکي ڳولن ٿا

پيارا مون جيڪي، تنهنجا ها رکيا
سي سارا نالا، توکي ڳولن ٿا

جن تان گذري تون، مونڏي ايندي هئينءَ
هاڻي سي رستا، توکي ڳولن ٿا

تو جي لفظن جي خنجر سان ڪيا ها
دل جا سي ٽڪرا، توکي ڳولن ٿا

○

هي جو هيڏو زيان ٿي ويو آ
درد جو داستان ٿي ويو آ

رنگ ڌرتيءَ تي هن اداسيءَ جا
زرد ڪيئن آسمان ٿي ويو آ!

سنڌ جا نير پريندا سنڌو!
سارو عالم حيران ٿي ويو آ

دوستيءَ جي هٿن ۾ خنجر آ
هر ڪوئي بدگمان ٿي ويو آ

لڙڪ نيڻن ۾ ڦتڪندا تا رهن
دل ۾ برپا طوفان ٿي ويو آ

○

اجان رات آهي سويرو ٿيندو
هتان دور آخر انڌيرو ٿيندو

سدائين نہ رهندا اهي درد پيارا
خوشين جو دلين منجھ ديرو ٿيندو

ڪڏهن پل ۾ پي نہ سوچيو هيو مون
تہ پيارو ڪوئي من ميرو ٿيندو

هميشہ دکن جي تہ لوري نہ ٻڌبي
ڪڏهن ڀاڳ پنهنجو پليرو ٿيندو

اسين پيار پنڇي نہ آهي ڪوئي گهر
ڪڏهن دل اوهانجي ۾ ديرو ٿيندو

○

توکي چيم تہ مون سان نگاهون ملائي ڇڏ
ۓ تو چيو تہ ٻوٽي اکيون من ۾ لاهي ڇڏ

توکي چيم تہ دل جي زخم جو علاج ڪر
ۓ تو چيو تہ لوڻ ڦٽن تي ڇٽائي ڇڏ

توکي چيم تہ حسن تي پردو نہ تو نهي
ۓ تو چيو تہ روح کي اجرو ٻڌائي ڇڏ

توکي چيم تہ گهور وڄاءِ تي پتنگ مان
ۓ تو چيو تہ آڳ اندر ۾ جلائي ڇڏ

توکي چيم تہ ڪيئن جدا توکان آءٌ ٿيان
ۓ تو چيو تہ گهاوَ اندر جا وڏائي ڇڏ

توکي چيم تہ ڪيڏي آ سرهاڻ گلن ۾
ۓ تو چيو تہ باغ مان ڪندا هٽائي ڇڏ

توکي چيم تہ درد اندر جو پيو وڌي
ۓ تو چيو ديوانو تون دانش سڏائي ڇڏ

○

سج سانجهيءَ جو ويو لڙي جاني
چند چوڏهينءَ جو پيو ڪِڙي جاني

مرڪ تنهنجي آ ڪنديڙي خوشبو
جڻ ڪوئي گل پيو ٽڙي جاني

پيار ٺاريو اندر اسانجي کي
جڳ سارو ويو سڙي جاني

تنهنجي هر ڳالهه لڪَ جي آهي
تنهنجي آڏو مان جڻ ٻُڙي جاني

نيٺ نهندو محبّتن جو تلاءُ
هر ڪوئي ڏي ڦڙي ڦڙي جاني

پوءِ دشمن نہ ڪٽندو اَڪِ ميري
جي تجي گڏ مِڙي سِڙي جاني

○

وقت سچن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو
ڪوڙ جذبن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو

باغ ۾ هڪڙي جهوٽي خزان جي اچي
سيني گلڙن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو

بادلو! ٿورڙو چنڊ کان دور ٿيو
چوٽا ڪرڻن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو

پيار کي ’پاپ‘ ۽ سونهن کي ’زهر‘ چئي
ائين نہ لفظن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو

توکي اڏمو ٻڌايو اندر جو ڪِلي
تو تہ جذبن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو

ساپيان تي ملين تون تہ مون او پرين
پنهنجي سپنن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو

تنهنجي تخليق کان پوءِ جڻ ڪي خدا
سيني رنگن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو

پيار جا گُل دانش پڪيڙيا رڳو
ڏگ جي ڪندن کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو

○

جڳ لاءِ حوالو ٿي نہ سگھيو
چو پيار نرالو ٿي نہ سگھيو

جيون جون بهارو گذري ويون
دردن جو ازالو ٿي نہ سگھيو

لڙڪن کي سهيڙيو نيڻن ۾
ءِ دامن آلو ٿي نہ سگھيو

گلشن جون هوائون مهڪن پيون
صحرا ۾ جهڙالو ٿي نہ سگھيو

ها نيڻ چميا چاندوڪي پر
چو دل ۾ اجالو ٿي نہ سگھيو

دانش کي اندر ۾ اوتڻ لئہ
ڪو زهر پيالو ٿي نہ سگھيو

○

جو ٻہ آهيان مان بي هنر ناهيان
آهَ آهيان سو بي اثر ناهيان

زخم ڏيندين تہ لڙڪ لاڙيندس
آدمي آهيان ڪو پٿر ناهيان

ڪير ٿو چئي تہ پاڪ دامن هان
ڪيئن چوندس خطا جو گهر ناهيان

منهنجي اندر ۾ جلي ٿو سورج
مان ڪو اڌ رات جو پهر ناهيان

تنهنجي درشن جون دعائون ٿو گهران
آءٌ مگتو هان مُجاور ناهيان

تنهنجي نيڻن جي پيالن جو قسم
هوش هوندي ٻہ هوشور ناهيان

پيار جي پارِ ڳولجو مون کي
چوتہ ناهيان مان ستمگر ناهيان

○

تو بنان راهہ ۾ ٿو رُلان هيڪلو
تو مسلسل هوا جيان گهلان هيڪلو

گڏ ڪِليا سين تہ مڪڙيون بہ ٽڙنديون رهيون
تو سوا ڪيئن هاڻي ڪِلان هيڪلو

روشني جو شهر پيو ٿو اونده لڳي
ڪائي منزل نہ آ پيو هَلان هيڪلو

تون تہ خوشين ۾ ٿهڪن جي ٻانهن ۾، مان
درد جي جهول ۾ ٿو پَلان هيڪلو

چنڊ چوڏهينءَ جو تون آن پرين، مان سدا
سمنڊ جي موج وانگر ڇُلان هيڪلو

○

لمحا تا گذري وڃن
يادون ٿيون رهجي وڃن

توبن منهنجيون نظرون
راهون ٿيون پلجي وڃن

توکي هڪ ڀيرو ڏسان
۽ لمحا رڪجي وڃن

سورن جي سيلاب سان
اکڙيون ٿيون ڀرجي وڃن

ٿهڪن جي پويان ڏسو
سڏڪا تا رهجي وڃن

○

ڪيترا هن خمار نيڻن ۾
خواب، ڪونجن قطار نيڻن ۾

ايتري جستجو پيلا چا لئہ
حسن جا آرَ پارَ نيڻن ۾

پيار جي تار سان اٽيل آهن
اڻ ڳڻيا چار، يار نيڻن ۾

ڪجهه ڪُنل خواب ڦتڪندا تا رهن
حسرتون هن هزار نيڻن ۾

روز سينگارجن پيا مقتل
ڪائي خنجر جي ڌار نيڻن ۾

آ اداسيءَ جي رُجَ اندر ۾
درد جا آبشار نيڻن ۾

تنهنجا جلوا شمار کان ٻاهر
جگنوئن جي قطار نيڻن ۾

○

توکي سپنن ۾ سمائي ڇڏجي
دل جي ڌڙڪن ۾ سمائي ڇڏجي

پنهنجي پنبڻين کي ڪري بند، پرين
چونڊ اکڙين ۾ سمائي ڇڏجي

شور ساگر ڪان گهٽو آ دل ۾
ڪيئن لفظن ۾ سمائي ڇڏجي

تو سوا ڪيئن رهان مان زنده
ساهه کي تن ۾ سمائي ڇڏجي

سونهن لفظن جي وڏي ويندي جي
پيار لهجن ۾ سمائي ڇڏجي

○

اڄ هوا ساز کو وڄايو آ
گيت ڪويل خوشيءَ مان ڳايو آ

لوڪ چاهي تہ مونکي ڀل چاهي
مون تہ توکي ئي پرين چاهيو آ

تنهنجي سڏڪن ۾ مان شريڪ سدا
تنهنجي مرڪڻ تي مسڪرايو آ

نفرتن جي سياه راتين ۾
پيار جو مون ڏيئو جلايو آ

راهہ تي گل ۽ گلن جي مٿان
تو لئہ نظرن کي مون وڇايو آ

*

چوطرف تي ويو هڳاءُ پرين
دل جو گهرو جو ٿيو گهاءُ پرين

آءُ توکي اکين ۾ جاءِ ڏيان
تون بہ ٿورو تہ ويجهو آءُ پرين

توکي ٻانهن جا هار پارايا
خوابَ اکڙين سان کيو نياءُ پرين

مونکي تون جاءِ ڏي رڳو دل ۾
پيار جو مان کندس پڙاءُ پرين

ايڏو چو ٿو ڏڄين زماني کان
پيار ناهي کوئي انياءُ پرين

لڙک ميڙي اکين جا دل ۾ رکيا
درد جو ٿي ويو درياءُ پرين

چاهہ جا گـّل ويا سڙي دانش
هيءُ کهڙو وريو آ واءُ پرين

○

تو تہ مندر ۾ پچايو ڏيئو
هي اندر ۾ ڪتان آيو ڏيئو

تنهنجي يادن جو پنهنجي لڙڪن سان
نيٺ آخر مون وسايو ڏيئو

پنهنجي دل جي لهوءَ سان هو مس مس
پيار جو جيڪو جلايو ڏيئو

موتَ طوفان جو وري ويس ڍڪي
زندگيءَ جو آ اجهايو ڏيئو

چوطرف گهور انڌيرو آهي
قبر منهنجي تي جلايو ڏيئو

پيار جي روشني پکڙجڻ ڏيو
ڪٿ بہ ڪوئي نہ وِسايو ڏيئو

دل جي گهر ۾ هو انڌيرو ڪيڏو
هاڻ مون آهي سجايو ڏيئو

○

چيم تہ تنهنجي نظر ۾ قتل جو آ سامان
چيائين عشق ۾ جانان ڪُسڻ ضروري آ

چيم تہ دل جي ٽٽڻ جو سوال آ جاني
چيائين بي دل ۽ بي نام ٿيڻ ضروري آ

چيم تہ تنهنجي تصور جو ڇيھ ناهي ڇا؟
چيائين رُڃَ جو راهي هجڻ ضروري آ

چيم تہ زلف تا تنهنجا لڳن زنجيرن جيان
چيائين حُسن جو باندي ٿيڻ ضروري آ

چيم تہ تنهنجي وڇوڙي جي باھ ساڙي ٿي
چيائين آڳ جي ڪوري پچڻ ضروري آ

چيم تہ روز ٿو احساس جي سوريءَ ٽنگجان
چيائين تڙپ جي تند جو ٽپڻ ضروري آ

چيم تہ بارشن ۾ مور ٿو ٿهوڪي پيو
چيائين پوءِ تہ پنهنجو ملڻ ضروري آ

*

تنهنجي نيڻن مندي چڏي آ دل
تنهنجي مسڪار پڻ پرين قاتل

تو هٽايو نقاب چهري تان
شهر ساري ۾ آهي شور متل

تنهنجي موجودگي ائين آهي
ڌرتتيءَ ۾ جئين پريل بادل

تنهنجو اندازِ گفتگو اهڙو
ڄڻ تہ صحرا ۾ آهي مينهن اڻل

تنهنجي هر گام آ لهر وانگر
تون بيابان ۾ سنڌوءَ جي اٿل

تون اچين ٿي تہ ٿي سڳنڌ اچي
تو بنان آ ٻسي ٻسي محفل

تنهنجي زلفن جو چانورو ۾ مان
گل جي هنج ۾ آ پونر سُتل

قرب تنهنجي سان ڪائنات حَسين
تنهنجي ناراضگي آ موت مثل

○

گل ناهن چمن ۾ شعلا هن
حالتن جي هٿن ۾ شعلا هن

رک ڪري تي چڙهي وجود سڄو
چڻ سڪيءَ جي لبن ۾ شعلا هن

بارشن ۾ بدن هي پڙڪي ٿو
ڪڪر ناهن گگن ۾ شعلا هن

ميڻ بتيءَ جيان ڳري نه وڃان
هن جي سيني خطن ۾ شعلا هن

شعر سمجهن ٿا، پر نه ٿا سمجهن
شاعريءَ جي پنن ۾ شعلا هن

بيحسيءَ کي به نيٺ ٿئڻ ايندو
چوطرف هن وطن ۾ شعلا هن

پنهنجي ڌرتيءَ سان وفادار نه هو
ڏس ته هن جي ڪفن ۾ شعلا هن

ڪو پتنگو هجي ڪڏهي پئي جو
ديپ جي تن بدن ۾ شعلا هن

جاڻ دک جو دونهون اٿيو دانش
دل جي هينان ڪکن ۾ شعلا هن

# نظم



**آزاد نظم** فرانسيسي ادب جي علامت نگاري واري دور جي پيدائش آهي..... فني لحاظ کان آزاد نظم کا شاعري جي اهڙي الڳ صنف کانہ آهي جئين غزل، گيت، کافي وغيره الڳ الڳ صنفون آهن، بلڪ اهو جديد نظم جي ئي صنف جو هڪڙو نمونو آهي. جئين سانيٽ، مختصر نظم، طويل نظم وغيره ان جا نمونا آهن..... آزاد نظم جي سلسلي ۾ اها غلط فهمي دور ٿيڻ کپي تہ اها صنف کا اوچتو هوا مان اڏامي اچي سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ٿي آهي، بلڪ اها بہ سنڌي شاعريءَ جي جديد نظم مان ڦٽي، تجربن مان گذرندي رهي آهي.

**- شمشيرالحيدري**

احسان دانش جا هي نظم سچ تہ احسان لکيا نہ آهن پر دريافت ڪيا آهن. چو تہ آڪسيجن جيان هڪ نظم بہ دريافت ٿيندو آهي. يت ۾ لڪل ڪو خيال اوچتو آڏو اچي ويندو آهي ۽ ”ها“ ڪري چرڪ ڪڍي دريافت ٿي پوندو آهي. ائين ئي احسان دانش جي نظم جي هي بهار ڪوتا ڪتاب جي ايندڙ صفحن تي پوري جوڀن سان پڙهڻ ۽ دريافت ٿيڻ لاءِ موجود آهي. منهنجي راءِ وارو پنو Avoid ڪري اڳتي هلو ۽ هڪ نئين ۽ اڻ ڇهيل دنيا جي سونهن جو شڪار ٿيندي ٻي وسيءَ وچان پاڻ ڪي، پاڻ ئي ڏسو ۽ حيران ٿيو.

هڪ پرخلوص شاعر جا پُرخلوص نظم منهنجي ڪنهن بہ Interpretation جا محتاج نہ آهن، هنن نظمن جو حسن ۽ جواني انهن جي سادگي ۽ بيساختگي آهي. احسان جا هي نظم نہ رڳو ڪنهن ساڃاهوند پر اسٽوپا جي پاڙ ۾ ٻڪريون چاريندڙ ٻڪرار کي بہ اگر ٻڌائيندوء تہ پنهنجي انداز سان اهو بہ Response ڏيندو. منهنجي خيال ۾ ان ڪان وڌيڪ ڪنهن شاعر کي ٻيو ڪجهہ بہ نہ کپي. احسان دانش جن لاءِ لکي ٿو اهي هن جي ڳالهہ سمجهن ٿا، سنڌي ادب ۾ اها سهولت سين کي حاصل نہ آهي.

-حبيب ساجد

## اسان جا خواب اجا ساپيان رسيا ناهن

اسان جا خواب اجا ساپيان رَسيا ناهن
هي درد غم جا ڪکر پي اجان هٽيا ناهن

اجا ڳلن تي ڪريل نير پي سُڪيا ناهن
اجا بهار جي هوندي بہ گُلَ ٽِڙيا ناهن

اجا اندر ۾ اسانجي گهٽي اداسي آ
اجا بہ من جي سِپي پيار جي پياسي آ

اجا هزار اميدن جا گل ڪومايل
اجا آ تڙپ، اجا ڪيئي روح هن گهايل

اجا دکي تي پئي ڳوٺ ڳوٺ چربيلي
اجا بہ نارِ جي نکَ ۾ وڌل آ ناڪيلي

اجا سنڌوءَ جا ڏسو چَپَ ڪيئن سُڪل آهن
اجا هي جيئرا ماڻهو بہ جڻ مئل آهن

اجا تہ بوءِ تي بارود جي اچي ڪيڏي
اجا امن جي ڪبوتر تي اکِ آ ٽيڏي

اجا چني تو ڪجي ڏار ماءُ ڪان ابهم
اجا نهي تو پيو روز نئون ائٽم بم

اجا بہ يونءِ تي ماڻهو ڳيا ڳيا تو ٿئي
اجا بہ ظلم ستم ڪيڏو جابجا تو ٿئي

اجا ڪُسن ٿيون پيون ڪيئي بي گناهه نياڻيون
اجا رقم ٿيون ٿين روز درد آڪاڻيون

اجا بہ شهر شهر خود ڪشن جا حملا هن
اجا بہ چوڏسا چچريل هزارين لاشا هن

اجا مرن ٿا پيا مِرگهہ بيابانن ۾
اجا آ گونج ٻڌو وقت جي ايوانن ۾

اجا بہ ديس جو انصاف آ بيساکين تي
اجا بہ موت جو شهباز آهي چاتين تي

اجا بہ زندگي جي پيٽ تو گهري ماڻهو
اجا بہ تورڙي نوڪر تي تو پُري ماڻهو

اجا هوا جو بدن چور آهي زخمن سان
اجا وفا جي ڳلي پئي جلي ٿي ٽاندن سان

اجا تہ گيت سيئي درد جي لباس ۾ هن
اجا هزارين اکيون آجپي جي آس ۾ هن

اجا ٿياس تي ٿنگجي رهي آ سچائي
چوان پو ڪيئن ’محبّت‘ جي آهي رُتِ آئي

■

# حُسن

حسن شعلو بہ آ شبنم بہ آ ۽ نغمو پيي
حسن دوکو بہ آ دلبو بہ آ ۽ کٿکو پيي

حسن نيڻن ۾ لکل ماڻکيءَ جي اندر آ
کير گهرائي ڪَچي هي وڏو سمندر آ
حسن کا مورتي ناهي، حسن تہ مندر آ
حسن پونم بہ آ، سورج بہ آ تہ پاچو پيي

حسن کي تيز تکي آبشار ۾ کو ڏسي
حسن کي عشق جي بي خود نهار ۾ ڏسي
حسن کي سرءُ ۾ جاچي، بهار ۾ کو ڏسي
حسن مکڙي بہ آ ۽ گل بہ آ تہ کندو پيي

حسن مومل جي محل جو کوئي طلسم آهي
حسن ليلا جي لبن جو ها تبسم آهي
حسن ٻيجل جي عجب ساز جو سرگم آهي
حسن جلوو بہ آ جادو بہ آ ۽ سپنو پيي

حسن مارئيءَ جي ککن ساڻ محبت ۾ آ
يا تہ سسئيءَ جي صدا ۾ ۽ مسافت ۾ آ
حسن نوريءَ جي نماڻائي ۽ نئڙت ۾ آ
حسن اتهاس جو جهومر بہ آ تہ ٽِکو پيي

حسن کي ڏسِ سر بازار کنھن وکيو
آھي
حسن يوسف جي جبين جو ھا قصيدو آھي
حسن ڄڻ شوقِ زليخان جو جنون کو آھي
حسن آ مصر جي بازار جو آئينو پيو

حسن سوليءَ مٿان منصور جي مُک جي رونق
حسن مخدوم بلاول جي لھو جي آ مھک
حسن ۾ شاھ عنايت جي عزم جي آ جھلک
حسن سقراط جي ھٿڙن ۾ زھر پيالو پيو

حسن پُر کيف نگاھن جو ڀريل ساغر آ
حسن دل کي تو مُندي ھي تہ کوئي ساحر آ
حسن بس عشق جي آڳر تي اڏيندو گھر آ
حسن غمزو بہ آ رونشو بہ آ ۽ چرچو پيو

حسن پارس آ، محبت سان ڇھي کو ھيکر
حسن کي دل جي نظر ساڻ ڏسي کو ھيکر
حسن جو جام ڀري ڳيت ڏئي کو ھيکر
حسن امرت پيو آ انگو پيو ۽ ڳوڙھو پيو

حسن جا روپ ھزارين تو ڏسان دنيا ۾
حسن کان دور نہ ٿيان ساڻ ھجان دنيا ۾
حسن جي کاڻ مران آءٌ جيان دنيا ۾
حسن آ زھر حلائل بہ ۽ ھک تحفو پيو

حسن شعلو بہ آ شبنم بہ آ ۽ نغمو پيو
حسن دوکو بہ آ دلبو بہ آ ۽ کٽکو پيو

■

## منھنجي جيون ۾ پرين تنھنجو وجود

ھر ادا تنھنجي قيامت ڪئي بپا
تنھنجي نيڻن تي نثار آھن غزال
مور جھڙي موھڻي ھا تنھنجي چال
ڪيترا مڌ مست ڪيا تنھنجي جمال
نرم و نازڪ ريشم و ڪم خواب جيان
مان بدن تنھنجي جو ڪھڙو ڏيان مثال
تنھنجي چھري مان چٽي تي چاندني
تنھنجي لفظن ۾ لڪل ڪا راڳڻي.

تنھنجي زلفن ۾ آ جيڪو خم پرين
منھنجي دل جي ڌڙڪنن ڪان ڪو پڇي
ڪيئن تو مونکي ڪري بي دم پرين.

منھنجي دل جي ڌڙڪنن ڪان ڪو پڇي
تنھنجي قدمن جون سموريون آھٽون
توسان گڏ گھاريل سموريون ساعتون
ذھن جي پاتال ۾ پيھيون اٿم.

تنھنجي مرڪڻ سان چڙيا ڪي ساز ھن
روح ۾ جاڳيا ڪيئي آواز ھن

اي پرين، منهنجا مناء ويجهو تہ آ

تنهنجي نيڻن کي چمڻ ٿو چاهيان
تنهنجي نيڻن ۾ ٻڏڻ ٿو چاهيان
پنهنجي نيڻن جا تون دروازا تہ کول
مان چمين جون دستڪون پيو ٿو ڏيان.
۽ حيا جي ماڪ تنهنجي لب مٿان
پيار جو پوپٽ پيئي ٿو ۽ جيئي ٿو.

وهم سارا ويا وماسي من منجهان
دل جا سارا ڏگ روشن ٿي ويا
عاشقي جا سپ منارا جرڪيا.

تنهنجي نالي جي نوا اي دلربا
جڻ تہ خوشبو چوڏسا وئي پکڙجي
دل کي بي پاڙيءَ جيان وئي جکڙجي.

منهنجي جيون ۾ پرين تنهنجو وجود
جيئن خلائن ۾ ٻکيل آ ڪائنات.

منهنجي جيون ۾ پرين تنهنجو وجود
ايئن آ ضم ٿي ويو جيئن ريت ۾
مينهن جا قطرا وڃائن تا وجود.

منهنجي جيون ۾ پرين تنهنجو وجود
جيئن اني کان پوءِ جي پياري سڳنڌ
ها وجي ٻکجي هوائن سان پئي.

منهنجي جيون ۾ پرين تنهنجو وجود
سانوڻيءَ جي پهرين بارش وانگيان
جنهن سان دل جو تر وجي ٿو واسجي
جنهن سان خوشبو جو سفر ٿئي ٿو شروع
جنهن سان ٿي هر سو وجي جل ٿل پيو
جنهن جي لئہ پٽرائجي اکڙيون وجن.

منهنجي جيون ۾ پرين تنهنجو وجود
جيئن سِپيءَ جي من ۾ ڪا بوندڙي.
توکي سانديان ۾ لڪايان لوڪ کان
توکي دل جي درسني ۾ پيو ڏسان
پنهنجي نيڻن کي جڏهن مان ٻوٽيان
تنهنجي ئي تصوير کي سامهون پَسان
پنهنجي بس تقدير کي سامهون پَسان

■

## اهڙا رات

لبن تي مرڪ وڇوڙي جي ويل
لڙڪ اکين منجھ لڪائي جاني
ڏني هيم جا ڳلن تي مِني نہ ٿي وسري
اداس رات جي تارن جي روشني جهيڻي
غضب جي رات، تڙپ دل جي ۽ سا بيچيني
اندر جي ڪائنات جنهن ۾ ٺهڪ ۽ مرڪون
بهار رُتِ جا ڪي جهونڪا قرار جا نغما
الاجي ڪيڏيون اتي روشنيون ۽ رنگ مهہ وِ رقص هئا
ڪيئن پل ۾ وڪري ويا.
اکير، پيار، جنون، بحرِ بيڪران دل جو
الاجي ڪيئن سهيڙيو هيو مون پانهن ۾
سڪون ڪيترو مونکي مليو هيو جاني
نہ ڄاڻ ڪيڏا پل پهر تنهنجي سوچن ۾
گذاريا مون هيا تڙپي وداع ڪري توکي.
اکين ۾ تو تہ سوين حسرتون ۽ خواب رکيا

هزار منزلن جو موهہ تو رکيو دل ۾
مگر مون پنهنجي محبّت جا سلاسل جاني
وجود تنهنجي سان ويڙهي ڇڏيا هئا تنهن پل
مگر تون روشني جي راهہ جو مسافر هئين
زنجير پيار جا ٽوڙي بہ توکي وڃڻو هو
جو خوشبوئن جي سفر تنهنجي آجيان ٿي ڪئي
عجيب رات هئي
رات جيڪا نيڻن ۾
مون تنهنجي ياد جا جگنو سجائي ڪاٽي هئي.

▪

## پيار جو پنڇي

دل جي صحرا ۾ پيار جو پنڇي
سونهن جي هر سراب جي پويان
ساپيائن کان رنل، ڪنهن تہ خواب جي پويان
مرگهہ وانگر رڳو پيو ڀٽڪي.
دل جي صحرا ۾ پيار جو پنڇي....
چين بيچينين جي پاڪر ۾
۽ اکيون آرزو جي آڳر ۾
ها صدين کان پرين ڪتل آهن.
پر نہ ڄاڻان تہ هي مسافت چو
پنهنجي تڪميل کي رَسي ناهي
منزلن جي شفاف نيڻن ۾
چو ڏني ڪائي آرسي ناهي.
روح جي ريت جا تتل آهي
تنهن مٿان خواهشن جا ماڪ ڦڙا
ڄڻ تہ آتش تي آب جا ڇنڊا.
مان نہ ڄاڻان تہ موهہ آهي ڇا
مان نہ ڄاڻان تہ ڏوهہ آهي ڇا
دل جي صحرا ۾ پيار جو پنڇي،
جنهن جا پرڙا ويا ڪٽي ڪنجي
مان ٿو چاهيان رڳو تہ هو جيڪر
ڪرب جي ڪَرٿَ کان بچي هيڪر
چاهہ جي چوڏڳي تي پيو ڇهڪي
سونهن جي گلستان ۾ پيو اڏري
■

# هڪ دَور جي تاريخ

رهزنن جي جُوءِ ۾
عجز انڪساريءَ سان
ڪنڌ نوائي پنهنجو
جهيڻي جهيڻي لهجي ۾
سچ جي تسبيح سوري
چُپِ چَپَن کي چوري
يا وري وڏي واڪي
زندگيءَ جي پيڪ گهرڻ
بس رڳو جهڪڻ ۽ گهرڻ
هي وڏي حماقت آ.

رهزنن جون تلوارون
خون جون پياسيون هن
هي تڏهن اداسيون هن.
چوڏسا هي ماٺ ڏسي
دل جي ڌرتي لرزي ٿي
زندگي جي مانگ بجاءِ
جان جي امانَ سوا
بي ڊپو بهادر ٿي
فخر سان سينو تاڻي
رهزنن جي راهن تي
پُر عظم ٿي بيهي رهو.

زندگي کا پيڪ نہ آ

ساھ ڪو سڳو ناھي
جنھن جو جڏھن چاھي
ڏند ڏئي چني ڇڏي.
تشنگي بہ تيسين آ
جيستائين جيئڻ جو
ولولو نہ ٿي پورو.

اڄ جا ڪندا سارا
پياس جي پريشاني
پونءِ جا سُکل آھي
تنھن جي نوٽ چيڙن تي
مرڪ ھلڪڙي آھي.
ھوءَ اجا اداس نہ آ
ھوءَ اجا نراس نہ آ
ھن جي اکين جو پاڻي
ھا اجا سُکو ناھي.

رھزنن جي راھن ۾
ڪير ٿو گلاب رکي
ڪير ٿو ڪندا پوکي
ھا اسانکي ڏسڻو آ
۽ نئين مورخ کي
پنھنجي دور جي ھڪ ھڪ
بي ڊپي ۽ گيديءَ جو
نانءُ چٽو لکڻو آ...... نانءُ چٽو لکڻو آ.

■

# ڪا ڪنھن کي اُڏسان
## ( گذريل سالن جو نوحو ۽ ايندڙ سالن لاءِ دعا)

هن سال تہ گذريل سالن جيان
ڪو خون نہ ٿي
ڏاڙو نہ لڳي ۽ ڦر نہ ٿئي
ها لڄ نہ نياڻين جي لٽجي
۽ گوليءَ جي ٻولي نہ هلي
بس ڪو نہ مري مظلوم هتي.

ڪا آھ نہ عرشن تي پھچي
ڪا دانھن نہ دلين کي ڏاري
ڪا ڪوڪ نہ سينن کي چيري.
ڪنھن ماءُ جي پياري پٽڙي کي
گولي نہ لڳي
۽ خون سان ڪو هولي نہ ڪري
ڪنھن پيڻ کان پنھنجو ياءُ هتي
ڪو ڪين ڇني
هر وني سھاڳڻ شال هجي

ڪو لڙڪ نہ اکڙين ۾ ڏسجي
ڪو گھاءُ نہ سينن منجھ پئي
مان سڏڪو ڪونہ ٻڌان ڪوئي
۽ مظلومن جي جسمن تي

مان ڦٽڪو ڪونہ پسان ڪوئي.

هي دهشتگرديءَ جون دانهون
ماڻهن جون ڪپيل ڄنگهون ٻانهون
گهرڙن کي ڇوڏاري ٻاهيون
هي روئندڙ ٻارَ ٻڍاءِ مايون
ڪنهن ڪنهن کي وينا پرچايون!

انسان رهيو انسان نہ آ
حيوان ٿيو انسان منا
هي ڪهڙي افراتفري آ!
هي ڇا جو هُل هنگامو آ!؟
هي چهرا پيلا پيلا ڇو؟
هي ماڻهو نانگن وانگر اڄ
ٿي ويا آهن زهريلا ڇو؟!
ٿو جذبن جو قتلام ٿئي
هي ظلم پيو هر گام ٿئي
ها! نيٺ تہ ڪو سورهه ايندو
ها! نيٺ تہ ڪو جوڌو ايندو
جو درد نگر جي واسين جي
تقدير کي بدلائيندو

هن ڌرتيءَ تي مالڪ سائين
شل پنهنجو رحم ۽ ڪرم ڪري.
ڪا اک نہ آلي آهہ ڏسان
ڪو جهول نہ خالي آهہ ڏسان
ها ٿهڪن جا ٽانگر جهومن

۽ لڙڪن جا ٿوهر نہ هجن
هر پاسي انڌلٺ رنگ هجن
شل اهڙو سال اچي هيڪر
جو زخم صدين جا سُڪڙائي
۽ امن جي خوشبو ڦهلائي.

## محبّت ❖

زندگي ڇاهي؟
روشنيءَ جو سفر.
موت ڇا آهي؟
درد جي چادر.
۽ محبّت
ها محبت ڇاهي؟
ڪو ٻڌائي، ڪو سٽائي مونکي.

ڇا بهارن ۾ گلستان جو ڪو حسين گل آ
يا خزائن ۾ شجر جو ڪوئي ڇٽيل پتو
ڇا اها آهي ڪوئي چنڊ جو حسين ڪرڻو
يا اماوس ۾ ڪنهن تاريڪ گهر جي چانئٺ تي
جيڪو ٽمڪي رهيو آڏيپ
سو محبت آ.
ها محبّت ڇاهي؟
ڪو ٻڌائي ڪو، ڪو سٽائي مون کي.

دل جي صحرا ۾ هي مهڪار ڪٿان آئي آ !
هر طرف، هر ڏسا ڏسو ته سهي
ٿي وئي ڪيڏي روشنائي آ.
ڇئن حرفن مان جڙيل لفظ زبان تي آيو
چاهه جو چنگ ڇريو، ساز ڇڙيو اندر ۾.
ڇهري ڇهري ۾ چمڪ ڪاٿان اچي وئي ايڏي!

لمحي لمحي ۾ مهڪ ڪاڏانهن اچي وئي ايڏي!
ڪو ٻڌائي، ڪو سڻائي مونکي تہ محبت ڇاهي؟

ڪوئي سسئي ڪان، پهاڙن ڪان يا ٿوهر ڪان پڇي
ڪوئي مومل ڪان، محل ڪان، ڪوئي طلسم ڪان پڇي
ڪوئي مارئي جي ڪکن ڪان ڪوئي ڪوٽن ڪان پڇي
ڪوئي نوريءَ ڪان پڇي، ڪوئي تہ ڪينجهر ڪان پڇي
ڪوئي قمبر ڪان پڇي، ڪوئي رياضت ڪان پڇي
تہ محبت ڇاهي؟

ڪوئي سمجهي نہ سگهيو
ڪوئي ٻي پُرجهي نہ سگهيو
هي ٻُجهارت ئي رهي
واءُ ۾ اڏري ويئي
موت جي ڳجهہ ڳُهي وئي آخر
سيئي احساس لفظ معنائون
ها هوائن ۾ ٿي تحليل ويون
پو بہ هڪ لفظ...... ها اهو ئي لفظ!
جنهن جي مفهوم جي وسعت جي نہ سرحد ڪائي
جنهن جي گهرائي سمندر ڪان گهٽي ڇاڻان ٿو
سپ ڇپن تي رهيو سدا زنده
زندگيءَ جي سفر جو انت ٿيو
موت ٻي درد جي چادر آڇي
۽ ’محبّت‘ !
ها محبت جي هتان

موت کي بہ مات ملي.

- ❖ محبّت، هڪ احساس ۽ هڪ ماڻهوءَ جي نالي جي معنيٰ آهي. احساس، جيڪو من جي پاتال مان اڀري ٿو ۽ ماڻهو ڏاڪٽر محبت ٻرڙو.

# زندگي

زندگي!
درد جي ڏوپ ۾ چوتي ساڙين پئي
زخم آٽين پئي.
چانوَ مونکي کپي
پيار جي.... سار جي.

حسن جا اولڙا، جيڪي دل تي پيا
ڏور ڪاڏي الائي ويا !اوسڪي ......
زندگي!

وقت جي گل مٿان ماڪ لمحن سندي
هورڙيان هورڙيان ڪيئن تي گم ٿئي
مان ڏسان تو پيو
ها ڳڻيان تو پيو
ڪيتريون خوبصورت بهارون خزائن ۾ مَٽجي ويون.
پيار وکري ويو، روح لرزي ويو
چا مان چا تي ويو تو پڇاڻان پرين،
چين جي بانسري ، بي سُري تي پئي.

ڪاڏي اڏري وئي
مرڪ رنگين تتلي
جا سجائي چڏي مون چپن تي هئي.
تو بنان او پرين! ڪيڏي آهي بُسي
جهاتڙي پائي ڏس پيي ڪٽي
زندگي........!

■

# او ڌرتي

او ڌرتي
او منهنجي سرتي
تنهنجي مٽيءَ جي ذرن ۾
جيڪا جوتي
جڻ ڪي موتي.
اوچا ارڏا ڏونگر
صحرا، جهنگل
تنهنجي سيني تي جي ساحل
دريا، ريت، سمندر آهن
جڻ سڀ منهنجي اندر آهن.
تنهنجي نالي ۽ حوالي
منهنجي اندر جي دنيا ۾
هڪڙي نئين ڪائنات بڻائي آهي
منهنجي وجود جي ساري خوشبو
تنهنجي ئي نالي سان آهي
اوڌرتي
او منهنجي سرتي
منهنجي دل ۾ تو لئہ ڪوڙ محبت آهي
عزت آهي

منهنجي دل ۾ ڪالهه جيان اڄ تائين سانڍ
توتان گهور ٿيڻ جو جذبو زنده آهي
زنده رهندو ساڳيو جذبو
جيسيتائين منهنجو ساهه سلامت هوندو
ها ويساهه سلامت رهندو
او ڌرتي
او منهنجي سرتي
ديس ڏٽين جا تنهنجي مٽيءَ مان ورتي آ مورت
ها ساڳي ئي صورت
ڪوئي ڌاري ڪونہ سگهي ٿو
ڪوبہ وساري ڪونہ سگهي ٿو
سوين سرن جي سا قرباني
جيڪا تنهنجا جوڌا مرڪي ڏيندا ويا
سِر گهورڻ جي اها روايت
صدين جي تاريخ رکي ٿي.
حق جو ڳاٽ هميشہ اوچو
۽ باطل جي پتِ ڪري ٿي
ڪانئرتا جي سا ديوار تہ اڄ بہ پري ٿي
۽ تون اڄ تائين او ڌرتي
پئي ڄڻين ٿي
جوڌا، جُنگ، جوان، جيالا
جن جي هٿن ۾ امرت پيالا
سچائيءَ جي مڌ پيئن ٿا
خوب جيئن ٿا
ڪوڙ ڪپت جو ڪنڌ ڪپن ٿا

او ڌرتي
او منهنجي سرتي

تنهنجو نعرو ديس ڏٽين جي چپڙن تي
اڄ جيئن زنده آهي
زنده رهندو.
هو ڏس هاڻي
دشمن جيڪو ڄار وڇايو
ڪيئن ڇڄي ٿو
ڏس نفرت جو لاش ڪڄي ٿو
۽ الفت جو جانجهه وڄي ٿو
او ڌرتي
تنهنجو ذرو ذرو شال
سورج وانگر چمڪي
پيار جي چانڊوڪيءَ ۾ جرڪي
هر مک ٻهڪي
مکڙي مکڙي گل تي مهڪي
ڳوٺ، شهر شاداب هجن
هر ماڻهو مرڪي
او ڌرتي
او منهنجي سرتي
او ڌرتي

■

# خوشبو

گل جي پتين کي مروٽي نہ اڇل
ڇو تہ پوءِ بہ
او قاتل!
تنهنجي هٿن ۾
انهن جي خوشبو رهجي ويندي
■

# دعا

تنهنجي ٿهڪن سان
هوا ۾ گل ٽا ٽڙن
شال تنهنجا اهي ٽهڪ
ڪڏهن به ائين اڏامي نه وڃن
جئين پوپٽ ڪي پڪڙڻ ڪانپوءِ
هن جي پرن تان
رنگ اڏامي ويندا آهن.

■

## بي حسيءَ جي بازار ❖

اي ڪربلا جا واسيو!
اوهانجون آهون ۽ دانهون
هڪ ڏينهن امن جي ويريءَ کي
ضرور ڌوڏي وجهنديون

اي ام قصر جا ماڻهئو!
اوهانجو زخمي بدن ۽ بي ڪفن لاش
هڪ ڏينهن انسانيت جي ضمير کي
ضرور جهنجهوڙيندا.

اي بصريٰ جا باشندوءِ!
اهو ڏينهن قريب آهي
جنهن ڏينهن اوهانجو خون رنگ لائيندو.

اي بغداد جا بي وس انسانو!
اوهان پَڪ ڄاڻو
بمن ۽ ميزائيلن جي ڀيانڪ آوازن ۾ دٻجي ويل
اوهانجي معصوم ٻچڙن جون
آهون ۽ ڪيهون عرش ڏاري وجهنديون
۽ سندن لڙڪ بارود جا گولا ٻڻجي
بي حسيءَ جي بازارن تي
ضرور وسندا.

❖ هي نظم **2003** ۾ آمريڪا طرفان عراق تي ڪيل حملي کانپوءِ لکيل آهي.

## پاڻسياڻ

مان تہ پاڻيءَ جو قطرو آهيان
سمنڊ کان جدا ٿي
صحرا ۾ گم ٿي ويو آهيان
صحرا جي خشڪي
مونکي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيو آهي
پر منهنجي اندر ۾
اڄ بہ هڪ سمنڊ لڇي رهيو آهي.

■

## بِکيا

خوابن جي سِڪن سان
منهنجي نيڻن جو ڪشڪول ڀريل آ
مان پنهنجي عمر ڀر جي بِکيا
توکي ارپڻ لئہ تيار آهيان.

■

## تبسم

تنهنجو تبسم
منهنجي دل جي خاموش نديءَ ۾
اڇلايل پٿر وانگر آهي
جنهن جون لهرون
مونکي زنده هجڻ جو احساس ڏيارين ٿيون.

■

## دل جي درسني

نيڻن جي نيري نديءَ ۾
جڏهن خوابن جا سونهري پکي
ٽڙڳڻ لڳندا آهن
۽ آشائن جي آکيري ۾
جڏهن حاصلاتن جا هنج نظر ايندا آهن
تہ دل جي درسني ۾
هر منظر مرڪندي محسوس ٿيندو آهي.

■

# خوف

مان ڊڄان ٿو
سياري جي سرد ۽ خاموش رات ۾
ڪنهن هلڪي ڪڙڪي کان
گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ کان
دل جي ڌڪ ڌڪ کان
منهنجو خوف
گهري اونداهيءَ رات کان
وڌيڪ گهرو آهي
ڇوته منهنجو خوف
شايد منهنجي ذهن جي
گهري اونداهي قبر مان جنم وٺي ٿو.

■

# بيت




**بيت** سنڌي زبان جي منفرد صنفِ سخن آهي. شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ جي مقفّيٰ شعر ۾، هم قافيہ لفظ ائين سٽ جي وچ ۾ ملندا، جيئن بيت ۾ آهن. اهو سنڌي بيت جو ڪمال آهي تہ ان جي پهرينءَ ۽ پوئينءَ سِٽ جي آخر ۾ نہ قافيو آهي نہ رديف، پر ان جي باوجود بيت ۾ ترنم ۽ هم آهنگي ٻيءَ هر صنفِ سخن کان زياده آهي.

- شيخ اياز

بيت جي صنف کي شاهه لطيف ڪمال جي بلندين تائين پهچايو. سندس هم عصرن مان توڙي ان کان پوءِ ڪوبہ شاعر لطيف جهڙا بيت نہ لکي سگهيو. صدين جي سانت کان پوءِ سنڌ ۾ اياز جو آفاقي آواز بلند ٿيو جيڪو هڪ جينيس شاعر هو ۽ هن سنڌي شاعريءَ جي ڪايا پلٽي ڇڏي. اياز بيت جو گهاڙيٽو لطيف وارو ئي رکيو پر ان کي نون خيالن ۽ نون موضوعن سان روشناس ڪرايو. پوءِ تہ بيا شاعر بہ بيت لکڻ لڳا. اياز کان علاوه ڪهڙن شاعرن جا بيت سگهارا آهن، اهو فيصلو نقادن حوالي ڪندي پاڻ ذڪر ڪريون ٿا احسان دانش جو، جنهن جي ”جديد بيت“ ۾ انوکا رنگ، نوان عڪس ۽ نفيس شاعراڻو ادراڪ ملي ٿو، جيڪو سليس ٻولي ۽ نرم لهجي ۾ بيان ٿيل هڪ اهڙو دلڪش اظهار آهي جيڪو پڙهڻ کان پوءِ ڏاڍو پنهنجو پنهنجو ۽ سندر لڳي ٿو.

احسان جي بيتن ۾ جتي دلڪش رومانوي عڪس پسجن ٿا اتي موجوده دور جو ڪرب بہ ڪروٽون ڪائيندو محسوس ٿئي ٿو. ان ڳالهہ جي شاهدي 2005 ۾ بالا ڪوٽ ڪشمير ۾ آيل زلزلي ۽ مئي 99ع ۾ بدين ۽ ٺٽي ضلعي ۾ آيل ساموندي طوفان جي پس منظر ۾ لکيل سندس بيت ڏين ٿا. جن ۾ انساني الميي جو ڏاڍو دل جهوريندڙ اظهار آهي جن مٿان هي قدرتي آفت ڪڙڪي. ٻي پاسي احسان پنهنجي بيتن ۾ سچل وارو سچ چيئي تصوف جي منصوري رايتن کي بہ زنده ڪيو آهي.

احسان دانش سيني صنفن سان فني تقاضائن جو پورائو ڪندي، زيبائتو نياءُ ڪندڙ شاعر آهي. سندس شاعري جڻ ”رستو سونهن نگر جو“ آهي. جنهن سان ويندي اکيون هر پاسي ڏاڍا سهڻا نظارا ڏسن ٿيون. مونکي اميد آهي تہ هو ذات جي ”سونهن نگر“ ۾ اهڙو سندر ”وکر وهائي“ ويندو جيڪو پئي پراڻو نہ ٿيندو.

**- سعيد ميمڻ**

# تنهنجي ڪارڊ او پرين

ڪالهه جيان او ڪامڻي، توسان ساڳيو نينهن
رات به مون لئه ڏينهن، اوجاڳا اکين ۾
⌑
اڄ به تنهنجي ياد، اک ڪئي آلي
مگتو تنهنجي موهه جو، آهيان سوالي
جهولي هي خالي، اجا آهي او پرين
⌑
اڄ به تنهنجي ڪاڻ، نيڻ جهڙالا هن
لڙڪ حوالا هن، تنهنجي يادن جا پرين
⌑
ساجن تنهنجو سور، سيني ۾ نسريو
ڄاڻ پکي اڏريو، منهنجي هن وجود جو
⌑
آهي تنهنجي آرزو، سرتي صدين ڪان
هيڪل وياڪل من ڪي، تنهنجي تانگهه اجان

تنهنجي تصور سان رڳو، ڪيئن پلا ڊاپان
گـــڏ هجون تـــون مـان، وسڪاري جي مند ۾
⌑
سرتي تنهنجي سونهن جي، ڪانهي ڪائي ڪَٿ
چمي تنهنجا هٿ، ٻيئي اکين تي رکـان

*

تنهنجي مرڪڻ سان پرين، ٽڙي پيا هن گل
خوشبو خوشبو هر ڳلي، شهر سڄي ۾ هُلَ
او منهنجي مومـل، سڀ ڪجهه مُندي تـو ڇڏيو
⌑
آءٌ نہ ڪنهن سان پيتيان، سانئڻ تنهنجي سونهن
ملي مـن ورونـهن، تنهنجي ڳـالهين مان مني
⌑
ڪالهه جيان او ڪامڻي، توسان ساڳيو چاهه
تنهنجو چهرو جو ڏنو، وسريو چوڏهينءَ ماهه
توتي ئي ويساهه، جـڳ سمورو جهوٽ آ
⌑
تنهنجي ڪارڻ او پرين، هئين ۾ هلچل
ڏوريان توکي ڏيهه ۾، اجان پنڌ ڳپل
اوسيئڙي ۾ هن پريا، نيڻن جا بادل
مدت کان آهي مني، پياسو هي سائل
هڪڙو پل ئي مل، لهندا تڪَ صدين جا

⌑

تو پچاڻان او پرين، منهنجو هيءُ وجود
پانئيان ٿو جڻ ڪي هجي، پڃري منجهه قيود
هاڻي آ بي سود، جيئڻ هن جهان ۾

⌑

توکي سانڍيو آ پرين، ساهن منجهه سدا
ساڪي هڪ خدا، آهي پنهنجي پيار جو

ڪيڏو سونهين تو سَڪي، تنهنجي ڳَل تي تر
سئ سئ پيرا واريان، توتان پنهنجو سِرُ
ٻڌجي تون ساحر، ويني مندين من کي

⌑

تنهنجي ياد اندر ۾، ائين آ سرتي
جڻ ڪا ميڻ بتي ، اونداهيءَ ۾ تي ٻري

⌑

اونداهيءَ ۾ تي ٻري، جڻ ڪا ميڻ بتي
سنهنجي سونهن رتي، جيون جرڪائي ڇڏيو

⌑

منهنجو هيءُ وجود، جڻ ڏيئي جي وٽ
لمحي لمحي گهَٽ، ٿئي ٿي منهنجي روشني

⌑

تون جڻ ڪائي بوند، منهنجي دل سپيءَ جيان
توڙي منجهه سموند، پوءِ بہ پياسي تي رهي

⌑

مان ٿر ٻاٻيهو، تون ٿر تي ڪڪريءَ جيان
تو مان جي نہ پيئان، تڙپي تڙپي مان مران

⌑

اکين اڄ صدين جي، پل ۾ ڪيئن لهي
سرتي سال رهي، تہ اوجاڳن جو انت ٿي

## ڌرتي منهنجي ماءُ

ايڏي ننڍ نہ ڪر، اوڏرتيءَ جا پٽ
غيرن جي هي گهٽ، ماري وجهندئي اوچتو

⌑

ڌرتي منهنجي ماءُ، پاليا ڏک صدين کان
سڄر سور مٿان، هاڻ نہ سهندي سنڌڙي

⌑

ڏينهون ڏينهن اچن پيا، ڌوڪيندا لشڪر
مدد خان جا ڦر، تا حق جتائن سنڌ تي

⌑

مان ڌرتيءَ جو پٽ هان، ڌرتي منهنجي ماءُ
آهي پيار اٿاهہ، اوتيان ڪيئن سٽن ۾

⌑

ڪاتي آهه گلن ۾، جو متيءَ منجھه هڳاءُ
ڳليءَ ڳليءَ ۾ تنھنجي، سنڌڙي عجب ساءُ
پوءِ بہ گھرو گھاءُ، پنھنجا تا توکي ڏين

⌑

چوڏس چپ چپات، ماڻھو گونگا ٿي ويا
ڏرتي رُني رت ڦڙا، آهي سڄي رات
قاتل جي هٿ ڪات، هيسيل چھرا هر طرف

⌑

کھرا ڪابر آدمي، چوٽي لڳئي بچان
اندر ئي اندر ۾، وينو آءٌ لڇان
ڪنھن ڪان نيٺ پچان، رستو سونھن نگر جو

## سُرسامونڊي

(وڻجاري جي ونيءَ جون آهون)

وڏا بيـڙا بـار ۾، سـاجن سـويلي
وچـوڙي جـو وقت هـو، پڇـاڻـان ميلي
قيـامت ويـلي، هجـي پيـو هينئـڙو

⌑

ڏوليا تنھنجو مڪڙو، موتيو ڪونہ وري
تيـلا تيـلا تـڙ تيـو، بچي ڪانہ ذري
پيـو ڏيـل ڏري، تـو پڇاڻـان اوپرين

⌑

تو پڄاڻان او پرين، منهنجو کهڙو حال
سرتين ساهيڙين ۾، مرڪڻ آهه محال
هاڻي آءٌ وبال، پانئيان پنهنجو جندڙو

⌑

تو پڄاڻان او پرين، منهنجي جند جڏي
نہ ڪي ساءُ سموند ۾، نہ ڪي مالَ مڏي
تنهنجي ساروڻين جي، جهوپي جيءَ اڏي
ايندو چين تڏي، توسان جڏ ملندس پرين

⌑

ساري توکي او پرين، سڏڪي پيو ساهه
ڏينهن قيامت تائين، اجرو رهندو چاهه
هاڻ نہ سُجهي راهه، گوندر ماري آهيان

## ساموندي طوفان جا بيت ❖

ساموندي طوفان سان، جهري ويا جهوپا
سونا ۽ روپا، ماڻهو ڪيئن مري ويا

⌑

وڻجارن جي ماڳ تي، آئي قيامت
ها ايڏي آفت، اگ نہ ڏٺئون ڪڏهين

⌑

دردیلیون دانھون، وڏجارن ونين جون
تکِن ٿيو راھون، سڄڻ ايندا مان ڳري

⌑

وڏجارن جي ونين جون، اکيون ھن آليون
ياد کري روئين ٿيون، ماضيءَ جون ڳالھيون
رُتون جھڙاليون، جھوري وين جيئڙو

⌑

ھئي ھئي ايڏو انڌ، ساحل تي او سرتيون
ھاڻي ڏکيو پنڌ، تي ويو ھن حيات جو

⌑

سامونڊين جا سير ۾، ٻڏي ويا ٻيڙا
لڙھي پھتا لھرن مان، لاشن جا ميڙا
قھر ھي کھڙا، مھاڻن سان تي ويا

⌑

لُڙھي آيا لاش، وڏجارن جا وير مان
ڳري وين ماس، سامونڊي پاڻيءَ اندر
*

کيڏا قھر کيا، طوفاني سيلاب
غرق ٿيا غوراب، سامونڊين جا سير ۾

⌑

ساموندين جا سير ۾، غرق ٿيا غوراب
آيا ڪيئن عذاب، ملاحن جي سِرَ تي

⌑

ساموندين جي سِرَ تي، آيا ڪيئن عذاب
ڳُليا نوان باب، درد جي اتهاس جا

⌑

درد جي اتهاس جا، ڳُليا نوان باب
اهڙا اڳ ڏٺا نہ ڪنهن، پيانڪ ها خواب
ڪومايا گلاب، مائرن جي جهولين جا

⌑

مائرن جي جهولين جا، ڪومايا گلاب
طوفان ۽ سيلاب، ڪيئي لعل لَٽي ويا

⌑

ڪيئي لعل لٽي ويا ، طوفان ۽ سيلاب
اونڌا ڪيا آب ، ملاحن جا مڪڙا

❖ مئي 1999 ۾ بدين ۽ ٺٽي ضلعن ۾ ساموندي طوفان سوين ماڻهن جون جانيون ورتيون هيون. مٿيان بيت انهيءَ حوالي سان لکيل آهن.

# زلزلي جا بيت ❖

منظر قيامت جو، ڏسن تيون اکيون
ياءُ جدا تيو ياءُ کان، پيٽن کان پيٽون
اڇو سڀ ميڙيون، ڳوڙها نيٽن مان ڪريل

⌑

ڪچليل لاشا بي ڪفن، پٽري پٽ پيا
ڪيڏا ڪيس ڪيا، ڌرتيءَ جي ڌوڏي هُتي

⌑

رشتا ناتا رک ۾، سارا دٻجي ويا
آهُن ۽ دانهن ڪنان، سڏڪا رڪجي ويا
ماٺهو گهٽجي ويا، ملبي هينان اوچتو

⌑

رات ٻه اهڙي رات، جنهن ۾ سور اکُٽ
ڪيئن اچانڪ زلزلي، ساهن وڌي گهٽ
هر پاسي آ ٻٽ، هر چهرو حيران آ

⌑

ٻالڪ جي اسڪول ويا، موٽيا ڪونه وري
ٻاتا ٻول چپن تان، ڪيئن وين اڏري
ڪاپيون، قلم، ڪتاب سڀ، پل ۾ ويا وکري
ڳوري چت ڪِري، مُڪڙيون، گل چيپاتيا

سڏڪا سڏڪا ساھ ۾، ڪونهي ڪو پنهنجو
پينر، پائر، ماءُ، پيءُ، سڀ ڌرتيءَ ڳڙڪيو
قيامت جو ڌڏڪو، پرزا پرزا ويو ڪري

⌑

ڪيڏي بالاڪوٽ تي، اچي وئي آفت
گهر گهر ۾ ميت، دفن ٿي ويو اوچتو

⌑

ٻن پهاڙن وچ ۾، هوءَ سهڻي وادي
جتي هئي ڪالھ رات جو، ڄڄ ، ٻڪي، شادي
هيءَ ڪهڙي تعدي، صبح سويري ٿي وين

⌑

سادا سودا ئي هيا ، ڪشميرين جا گهر
ڌڏڪي ويا، جيئن ئي، ڇُلي پيا ڇپر
ساڳيا گهر قبر، ٻڻجي وين اوچتو

⌑

زخمي زخمي روح آ، ناهي غم ڪاٿو
هاٿي ڪو ڳوڙهو، نيڻن ۾ ناهي رهيو

❖ مٿيان بيت 8 سيپٽمبر 2005 تي ڪشمير ۽ بالا ڪوٽ ۾ آيل قيامت خيز زلزلي جي پس منظر ۾ لکيل آهن. ان زلزلي هزارين معصوم ماڻهن کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو هو.

# سچوءَ وارو سچ

آهي ڪوئي راز الستي، سچوءَ وارو سچ
ساڙي دوئي دل جي اندر، بار عشق جو مچ
منصوريءَ جي موج ۾، ڪنڌ ڪپائڻ اچ
ٻِيا تيندئي ٻَــچ، آکيئي ”اناالحق“ جي

☐

ڪيني ۽ ڪروڌ جي، ڪيرايو ديوار
دل جي ڌرتيءَ تي رکو، ڪري حڪومت پيار
چـاھ بنان بيڪـار، جڳ سمورو پانئيان

☐

اندر تون اجار، ڪوري ڪَٿُ قلوب جي
لاھ لبادو لوبي جو، ڪلفت ڀچ ڪپار
الفي پائج عشق جي، ”اناالحق“ اُچار
دوئيءَ ڪي ڌڪار، وٺ سچوءَ جي واٽ تون

☐

وٺ سچوءَ جي واٽ تون، ڪستا سيئي ڀچ
روشن راھون روح جون، سڏيون ورتيون وچ
ڳالھ سچـل جي مچ، ٻولي لھندين پاڻ کي

¤

مستيءَ ۾ سر مست ٿي، ٻوليو تو جو ٻول
سچل تنهنجي شاعري، اکر اکر انمول
کوڙ، ڪُپت، ڪيني ڪي، هنيئي هٿ ڪڙول
پري ڏنئي جهول، عالم کي الفت جا

# وائيون




**وائي** ڏکڻ سنڌ يعني ’لاڙ‘ جو هڪ مقامي ۽ نج سنڌي لفظ آهي ۽ لغت جي اعتبار سان معنىٰ اٿس: آواز ۽ سر، پڙڪو، بيان، گفتو، زبان ۽ ڳالھ ٻولھ وغيره. ليڪن سنڌي شعر جي هيءَ قديم سريلي صنف جئين تہ ڳائڻ مان ئي سرجي آهي، تنهن ڪري مولانا گرامي صاحب جو خيال آهي تہ: ”وائيءَ جو تعلق ’واءِ واءِ‘ يعني آه و پڪار سان آهي.“ سنڌ جي هيءَ قديم صنف اسانجي مقامي ڳائڻ جي ئي فطري ارتقا جو ثمر آهي ۽ ڪنهن ٻاهرين دنيا مان اسان تي مڙهيل نہ آهي.... سنڌ ۾ وائي جو وجود اڄ ڪان ہ صديون اڳ شمار ٿئي ٿو.

- پروفيسر محرم خان

احسان دانش جون وائيون ان گهاٽي ڪڪر جيان آهن، جيڪو اونهاري جي جهولن دوران گرميءَ جي حدت ۾ ڪي پل آسيس ڏي ٿو. پر اها به حقيقت آهي ته وائين جي ڪن رس دوران اندر جي تاس گهٽجڻ بدران ويتر وڌي ٿي ۽ اسان اجا به گهڻو ڪجهه پيئڻ جي آس رکون ٿا. ها ايترو به ضرور آهي ته سندس وائيون احساسن کي **Rehydrate** ڪن ٿيون.

جيڪڏهن شاعر جي ذهن ۾ آس ۽ اميد جي ڪا هلڪي چٽنگ به دکي رهي آهي ته پوءِ اها ڪنهن وقت به دونهاٽجي ويل ساپيائن کي پڙڪائي سگهي ٿي. احسان دانش جي وائين ۾ به اهڙيون انيڪ چٽنگون پڙڪي باهه ٿيڻ لاءِ آتيون آهن.

سچ جي واٽ تي
ٿي وڃان مان امر
راهه آهي ڏکي

جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪنن مان ڪپهه ڪڍي، احسان جي وائين کي ٿورڙي به ڌيان جي زحمت ڪندا سين ته سندس وائيون ڪلهن تي ٻنهي ٻانهن سان لٺ پڪڙي هلندڙ ڏنار جي سيند سمان لڳنديون، جن مان احساس جا ڪيترا ئي سُر فضا ۾ اڏامندا، اسان جي ڪنن ۾ نچڻ لڳندا :

اجرا موتي موهه جا
جلدي جهوليون ڀر
او مٺيءَ جا آدمي.

ڪلندي ڪلندي اوچتو
اکڙيون ٿيندئي تر
او مٺيءَ جا آدمي.

- عادل عباسي

○

آڪـڙ ائين نہ ڪـر
او مٽيءَ جا آدمي

ڪوهہ اڏامين ٿو پيو
ڌرتـــيءَ پير تہ ڌر
او مٽيءَ جا آدمي

اجرا موتي موهہ جا
جلدي جهوليون پر
او مٽيءَ جا آدمي

ڪلندي ڪلندي اوچتو
اکڙيون ٿيـنديئي تر
او مٽيءَ جا آدمي

○

دل ۾ يادون رهجي وينديون
ماضي ياد ڪري

نظرون رستا پلجي وينديون
ماضي ياد ڪري

ڪوڙيون مرڪون ڪسجي وينديون
ماضي ياد ڪري

اکڙيون ٻيهر پرجي وينديون
ماضي ياد ڪري

ساريون خوشيون رڪجي وينديون
ماضي ياد ڪري

سوچون دانش رلجي وينديون
ماضي ياد ڪري

○

تنهنجن لفظن ۾
ڪيڏي آ خوشبو

ڪاوڙ چونہ هجي
تنهنجن جملن ۾
ڪيڏي آ خوشبو

توسان گڏ گهاريل
سيني لمحن ۾
ڪيڏي آ خوشبو

جاني جيون جي
پيارن رنگن ۾
ڪيڏي آ خوشبو

ڏاهپ جي دانش
سارن نڪتن ۾
ڪيڏي آ خوشبو
ڪيڏي آ خوشبو

○

ڪو نہ آ همسفر
راهہ آهي ڏکي
ڪو ڪپي راهبر
راهہ آهي ڏکي

سچ آهي تـــڪو
ڪوبہ ناهي ڪڪر
راهہ آهي ڏکي

آهي مشڪل گهڻو
زندگيءَ جو سفـر
راهہ آهي ڏکي

ســچ جي وات تي
تي وجان مان امـر
راهہ آهي ڏکي

لڙڪ ناهن ڪريا
اک اجان آهي تـر
راهہ آهي ڏکي

○

هڪڙو هڪڙو پل
گھارڻ مشڪل ٿي پيو

ڪوئي ڪيئن بچي
دنيا آ دلدل
گھارڻ مشڪل ٿي پيو

تو ۾ منهنجو ساھ
ڍوليا هاڻ ته مل
گھارڻ مشڪل ٿي پيو

ساگرُ مون آڏو
پوءِ بہ تاسايل
گھارڻ مشڪل ٿي پيو

ڪوھ چيئي جاني
دانش ڪي پاڳل

گھارڻ مشڪل ٿي پيو

○

پيـــار ڪرڻ گهرجي
جيون ٿورو آ
سونهن پسڻ گهرجي
جيون ٿورو آ

منــزل مــاڻــڻ لــئہ
پنڌ ڪــرڻ گهرجي
جيون ٿورو آ

پيـــار جي ساگر ۾
ٻــڏڻ تــرڻ گهرجي
جيون ٿورو آ

نفرت ڪان نفرت
يار ڪــرڻ گهرجي
جيون ٿورو آ

خــامــوشي ٽــوڙي
ڪجهہ تہ ڪُڇڻ گهرجي
جيون ٿورو آ

روئندڙ جي ڳل تان
لڙڪ اگهڻ گهرجي
جيون ٿورو آ

○

تيسين ٿيندي بات الو ميان
جيسين هوندي رات

درد اندر ۾ رهجي ويندا
جي ٿيندي پرڀات الو ميان
جيسين هوندي رات

چانڊوڪيءَ ۾ لڪندو رهندس
مور نہ ڪٿندي ڏات الو ميان
جيسين هوندي رات

بند نہ ٿيندي وسندي رهندي
سوچن جي برسات الو ميان
جيساين هوندي رات

توکان جانان پيار سندي پيو
گهرندس مان خيرات الو ميان
جيسين هوندي رات

○

ڪاغذ تي ڪرٽا
منهنجن لفظن سان
راند پيا ڪيڏن

چانڊوڪيءَ ۾ ناخدا
چوهين لهرن سان
راند پيا ڪيڏن

چترڪار سيئي ڏسو
ڪيئن نہ رنگن سان
راند پيا ڪيڏن

ٻار گهٽيءَ جي موڙ تي
مٽيءَ ذرڙن سان
راند پيا ڪيڏن

ماڻهو چو ماڻهن جي
وينا جذبن سان
راند پيا ڪيڏن

ماڻهن تي جادو ڪري
راڳي راڳن سان
راند پيا ڪيڏن

○

جاڳي پيو جيئڙو
لوڪ ستل آ ننڊ ۾

مونکي تنهنجو او پرين!
آهي اوسيئڙو
لوڪ ستل آ ننڊ ۾

شهر سڄو خاموش آ
پاءِ ڪوئي ليئڙو
لوڪ ستل آ ننڊ ۾

جهوپي اندر رات جو
ٻري ٿو ڏيئڙو
لوڪ ستل آ ننڊ ۾

وينو اُٽي وسوسا
من جو تانيئڙو
لوڪ ستل آ ننڊ ۾

پٽڪي ٿو بنواس ۾
ڪيئن هو جوڳيئڙو
لوڪ ستل آ ننڊ ۾

○

مــرڪ تنهنجي مني
اڄ بہ جرڪــي پئي
لاٽ پڙڪي پئي

منهنجي شيشي جي دل
روز ٿڙڪــي پئي
لاٽ پڙڪي پئي

مان تہ خاموش هان
سوچ ڪڙڪي پئي
لاٽ پڙڪي پئي

زندگي زخم ڏئي
لوڻ ٻُرڪــي پئي
لاٽ پڙڪي پئي

ديپ جي روشــني
جڻ تہ سڏڪــي پئي
لاٽ پڙڪي پئي




**هائيڪو** متعلق سندس خالقن منجهان هڪ جاپاني شاعر باشو لکيو آهي ته ”جنهن هائيڪو مان موضوع جو ستر ڪان اسي سيڪڙو اظهار ٿئي، اهو سنو آهي ۽ جيڪو هائيڪو پنجاه ڪان سٺ سيڪڙو موضوع جو اظهار ڪري اهو چڱو آهي... ڪوبه موضوع اهڙو ناهي جيڪو هائيڪو لاءِ ٺهڪندڙ ناهي.... اهو جيڪو ٽن ڪان پنجن تائين هائيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ تخليق ڪري ٿو سو هائيڪو جو شاعر آهي ۽ اهو جيڪو ڏهن تائين پهچي ٿو، سو هائيڪو جو استاد آهي.

هائيڪو جاپاني صنف آهي پر اها سنڌي ۾ ايترو ته ڪُپي وئي آهي جو، اڄ ڪلهه ڌاري ئي نه ٿي لڳي.

- ڊاڪٽر تنوير عباسي

احسان دانش نئين ٽهيءَ جي نمائنده شاعرن مان آهي. هن پنهنجي شاعريءَ جو سفر سندس ئي ٽهيءَ جي ٻن خوبصورت شاعرن سعيد ميمڻ ۽ جواد جعفريءَ سان گڏ شروع ڪيو. ٽنهي جو پنهنجو پنهنجو رنگ آهي، هڪ ٻي کان مختلف ۽ ساڳي وقت منفرد. احسان دانش هر صنف تي قابليت ۽ پختگيءَ سان لکي پنهنجي هم عصرن ۾ پنهنجي جاءِ جوڙي ورتي آهي. هن ٻين صنفن سان گڏ هائيڪو ۽ ٽيڙو جي صنف تي به لکيو آهي.

عام طور هائيڪي ۽ ٽيڙو کي لکڻ آسان سمجهيو ويندو آهي ۽ هر نئون شاعر ان تي طبع آزمائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر هائيڪو ۽ ٽيڙو لکڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. هائيڪو اصل ۾ جاپاني شاعريءَ جي هڪ خوبصورت صنف آهي، جيڪا ظاهري طرح ته ٽن سٽن تي مشتمل ۽ لکڻ ۾ آسان لڳي ٿي پر منهنجي نظر ۾ جنهن شاعر کي هن صنف جو اصل پس منظر معلوم آهي ان لاءِ لکڻ ايترو آسان نه آهي، ڇو ته هائيڪو هڪ پل جو عڪس ۽ هڪ لمحي جو احساس آهي. هائيڪي / ٽيڙو جي ٽن سٽن ۾ زمان ۽ مڪان، حد ۽ لاحد جا سنڌا ۽ سيڙها ميٺڻ معولي ڳالهه ڪونهي. سادا احساس، سادن لفظن ۾ سادي انداز ۽ سادي هيئت ۾ لکڻ هن صنف جو ڪمال آهي. خاص ڪري اختصار ۽ اشاريت هن صنف جو حسن آهي. هڪ پل جي ڪهاڻي، هڪ لمحي جو درد، هڪ ڪن جو احساس ۽ جذبي کي لفظن جي لباس ۾ سمائڻ ئي ڪامياب هائيڪي - ٽيڙو جي تخليقي جوهر کي ظاهر ڪري ٿو. احسان دانش جي هائيڪن جو اِيپاس ان سموري پس منظر کي اکين آڏو آڻي بيهاري ٿو. هن وٽ فطرت نگاري، حقيقت نگاري، منظر نگاري ، عڪس نگاري ۽ جذبات نگاري هڪ ئي وقت نظر اچي ٿي ۽ معلوم ٿئي ٿو ته هن نه رڳو جاپاني هائيڪي جو حسن پسيو آهي پر ڪيس سنڌي ٽيڙوءَ جي اصل روح جي شناسائي پڻ آهي. هن جا هائيڪو - ٽيڙو سنڌي ادب جا حسين هائيڪو ۽ ٽيڙو آهن. هو هڪ ئي وقت ڪهاڻيءَ ۾ منظرن کي سمائي ٿو ۽ منظرن کي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو.

احسان دانش جا هائيڪو زمان استمراري جي تاجي پيٽي ۾ جڙيل آهن ۽ وٽس موسمن جو حسن پڻ موجود آهي، ۽ اهو سڄو پس منظر سندس هائيڪن ۽ ٽيڙن ۾ تخليقي سونهن کي ظاهر ڪري ٿو.

**- تاج جويو**

## منظرَ ۾ احساسَ

منظر هاڻ سنو
اوتر آنديون ڪڪريون
اجهو مينهن اتو
⮟
اوندهه انڌوڪار
سارنگ سرمستيءَ ۾
وسي پيا ولهار
⮟
جهڙ ڦڙ ميگهه ملهار
پنن تي پيرون ڦنا
۽ گل ڦل چوڌار
⮟
چوڌاري مهڪار
واٽون ڦلن ڇانئيون
آتا ٻانهن هار
⮟
تنهنجي نيڻ نهار
دل جي پياسي ٿر تي
جڻ تي بوند بهار
⮟

ڪارونيار ڪڪر
مسين سج ڳني ڪدي
پڪين سوئيا پر

مرڪن جا موتي
من جي اونداهيءَ ۾
جرڪي پئي جوتي

سامهون سج لهي پيو
پاڻياريءَ جي چيلهه تي
دلو چا ته ٿهي پيو

اوچو آبشار
اجري پاڻيءَ جي ڏسو
ڪيڏي سندر ڌار

ڪانئين چُلهه ٻري
نماڻيءَ جي نيڻن ۾
آيا لڙڪ تري

ڪيڏي گهري رات
تڏن جو آواز بس
چوڏاري آ سانت

⮟

ڪونجن جي قطار
ڪيڏي ٿي سونهين
نيري اڀ تي يار

⮟

ساگر جون ڇوليون
مونکي ٻڌائين ٿيون
پريت پروليون

⮟

جذبن جو سمند
اٿلون ڪائيندو جڏهن
چاهه جو ڪڙيو چند

⮟

ڪيڏا پن ڇڻي پيا
سرءُ جي موسم ڪي
ننگا وڻ وڻن پيا

⮟

ڪيڏي سرد هوا
اڌ اگهاڙو آدمي
پاري ۾ پيو آ

⮟

مهينو جولاءِ
پتر تو پُرزا ڪري
ماڻهو پيٽ لاءِ

سورن جي سانجهي
رات رني پئي رتُ ڦڙا
آهُن جي آنڌي

هيل ملي شل ديد
تو بن پيارا منهنجي
عيد بہ ڪهڙي عيد

من مندر ۾
خوابن جي تون
هر منظر ۾

دل جي ڌرتيءَ تي
هر ڪوئي ماڻهو
پيارَ سَلو پوکي

ڪيـڏو آ سنسار
ايڏو ئي جيڪر هجي
هر سيني ۾ پيار

سچائيءَ جو ساز
ٻاڙو ناهي ٻڌ تون
اندر جو آواز

■

## ٽہ ياتـرا ❖

اَجــا اُجــا پَٽَ
بارش بيهڻ جي نہ ڪر
ٽــہ جي پياس اَڪٽ

ول ول ۾ آ واس
آهي ڪارونجهر ڏسو
پاتــو سبز لباس

گوردڙئي جو پنڌ
خوابن جي واديءَ جو
جڻ ڪــو آهــي رنڌ

سارڏڙئي منجهہ تلاءُ
ڌوئن پيا ديوانَ اُت
ســارا ڏوهہ گناهہ

چاجا سنڌڙي انبَ
ٽہ واسين جو ڪاچ هن
ڏونــراءِ للــرءِ لُنبَ

ڪارونجهر جي ڪور
ٽر جي نارين جي ڏسو
مـورن جهڙي ٽـور

گوڙيءَ جو مندر
اجڙيل ۽ ويران آ
جيئن منهنجـو انـدر

ڀٽن تي ڀٽڪان
ڀوڏيسر جي ڀونءِ تي
ٽڪجي رات سمهان

مندر گهندُ وَڄو
مور ٿهوڪيو ڪاسبي
بـــادل اُتِ پـڄـو

پيرن ۾ آڪاس
تارا ٽمڪن تا پيا
گـدي ڀٽ جي پاس

متي چوڏهينءَ چند
تارا هيٺ زمين تي
ڪيڏو گڏيءَ منڊُ

❖ آگسٽ 2008 ۾ ٿر ياترا دوران ڪارونجهر جي ماڳن (گوردڙو، سارڏڙو، ڪاسبو) ۽ منيءَ ۾ چوڏهينءَ رات گڏي پٽ ڏسڻ ڪان پوءِ **لکيل هائيڪا /** ٽيڙو.

## سنڌ جو ڪيڏارو ❖

سنڌ تي اڄ وري
ڏينهن آيا ڏکيا
ڳالهه تي آ ڳري

سنڌ ۾ اڄ وري
ظلم جي آ ڏسو
باهه چوڏس ٻري

اندر چڪنا چُور
بدامنيءَ جو زخم آ
بڻجي ويو ناسور

هاءِ اياڳي رات
ڳولين ڪيڏا گهاوَ ڏنا
سنڌ سڄي سڪرات

اي ڏاريندڙ دانهن
هئي معصوم نياڻيءَ جي
ظالم جي هٿ ٻانهن

ڪيڏو ڪيس قهر
ويريءَ جي آ وَرِ چڙهيو
ويچاريءَ جو وَرُ

اجڙيو ڪوئي گهر
ڳيرو رنگيل رت ۾
ڪنهن جو هوندو وَرُ

اڄ وري آ ڏنو
روڊ تي ڦتڪندڙ
ڪنهن تہ ظالم ڪُنو

ڪونهي ڪو احساس
ماڻهو وينو ماڻهوءَ جو
ڪيئن پَٽي تو ماسُ

ڪيسيتائين رهندو
ڏاڍ سندو هي ڏونگر
نيٺ تہ آخر ڍهندو

گهاءَ گهرا تا لڳن
هر طرف مايوسيون

# زرد چهرا تا لڳن

- 89_ 1988 جي لساني جهيڙن ، بدامني ۽ ظلم ۽ زيادتيءَ جي حوالي سان ان وقت لکيل ٽيڙو. افسوس جو اهي اڄ جي حالتن سان بہ ٺهڪي تا اچن .

# منهنجو پيار

چاهت سان تمثار
منهنجي دل وانگر هجي
هي سارو سنسار

هي سارو سنسار
رهندو کهڙي کم جو
پيار بنان او يار

پيار بنا او يار
جيون پاسي ائين
جئين اونداهي غار

جيئن اونداهي غار
توکان سوا او پرين
جيون آ بيکار

جيون آ بيکار
رسمن جي کيرائجي
ها اوچي ديوار

هـا اوچـي ديـوار
جيسين هوندي جڳ ۾
پـيـار نـہ رهـنـدو پـيـار

*

پـيـار نـہ رهـنـدو پـيـار
ان ۾ جـي ناهي مـنـي
گل جـهـڙي هـڪـار

گـل جـهـڙي هـڪـار
سيني ۾ سانڍي رکو
پـيـارا تنهنجي سار

پـيـارا تـنـهـنـجـي سار
اندر ۾ اڻ تـڻ وِڏي
مونسان مل هڪ وار

مـونسان مـل هـڪ وار
هـيءَ حيـاتـي ٿـورڙي
ڪـو نـہ ڪـجـان انـڪـار

ڪـونـہ ڪـجـان انـڪـار
سنـڌوءَ جـل وانگر مني
پنهنجـو پـوتـر پـيـار




**چوسٽو** چئن سٽن تي مشتمل هڪ اهڙو مختصر نظم آهي، جيڪو پنهنجي ننڍڙي وجود ۾ وسيع معنيٰ سمائي ڪنهن مسئلي يا موضوع جي مڪمل ترجماني ڪري ٿو. چوسٽي يا چار سٽي جو پراڻو نالو ’قطعو‘ آهي ۽ ڪنهن بہ غزل يا نظم جي ٽڪري کي قطعو چيو ويندو هو، پر هاڻي جديد دور جي تقاضائن موجب چوسٽو پنهنجي جدا حيثيت مڃائي هڪ علحده صنف جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. سنڌي ٻولي ۾ بهترين چوسٽا لکيا ويا آهن.

- مقصود گل

نوجوان شاعر احسان دانش چوسٽي تي ڀرپور نموني قلم آزمائي ڪئي آهي، ڪتاب جي ايندڙ صفحن تي اوهان کي سندس خوبصورت چَوسٽا پڙهڻ لاءِ ملندا.

چئن سٽن جو ننڍڙو عشقيه ۽ رنگ برنگي نظم لکڻ ته سولو ڪم آهي پر چئن سٽن ۾ وڏو مقصد سمائي ڪو قومي مسئلو بيان ڪري واقعاتي ۽ انقلابي نظم لکي چوسٽو ناهڻ ڏکيو نه سهي پر محنت طلب ڪم ضرور آهي، چاڪاڻ ته اهڙي چوسٽي لکڻ ۾ قومي درد سان گڏ گهري سوچ ۽ دانشمنديءَ جو وڏو عمل دخل آهي. احسان دانش جي چوسٽن ۾ اها دانشمني ۽ مقصديت نظر اچي ٿي. احسان هي جيڪي چئن سٽن وارا ننڍڙا نظم لکيا آهن سي خوب آهن. مونکي اميد آهي ته اسان جو هي سدا بهار مرڪڻو، ملڻو ڪلڻو ۽ من چهڻو شاعر پنهنجي فني، فڪري ۽ شعري سفر کي جاري رکي سنڌ جيجان جي ادبي سونهن ۽ سيپيتا کي ائين ئي سدائين سندرتائون ۽ واسنائون ارپيندو رهندو.

- مقصود گل

هڪڙي معنيٰ ۾ هزارين نظرون
هڪ نظر جون هزار معنائون
پيار اک ۾ هجي يا اکرن ۾
ڪيئن سمجهون ۽ ڪيئن سمجهايون

پيار جو ڪو سوال اوکو ڏي
جان جو ئي ڪٽي تون جوکو ڏي
مان تہ مدت کان منتظر آهيان
دل نہ تي ڏئين تہ ڪوئي دوکو ڏي

ڏيهہ ڪي ڏکَ جي اڏوهي تي چٽي
جو اندر کولي ڏسو پورو آ
درد نگري جي دکي ماڻهن کي
پيار جيڏو بہ ڏجي ٿورو آ

مان تہ موهن شهر جو راڳي هان
تون ڪٿي آهين منهنجي سمبارا!
منهنجا سُر تال اڌورا تو بن
تنهنجي چيرن تي ٿا جهومن تارا

تير نظرن جا هڻي ويو ڪوئي
منهنجي دل پل ۾ ڪٽي ويو ڪوئي
مون تہ سوچيو هو محبّت نہ ڪبي
نيٺ مونکي بہ وٺي ويو ڪوئي

رڻ ۾ جهنگل لڳندو آهي
دانش پاڳل لڳندو آهي
جڏهن بہ دل خوش هوندي آهي
خار بہ چڻ گل لڳندو آهي

درد جا ساز ڪيئن ڇيڙي ويو
دل جا ٽاڪا وري اڌيڙي ويو
ڪوئي مئہ نوش هيو هو شايد
لڙڪ اکڙين جا سيئي ميڙي ويو

هڪ آس نراس نہ ٿئي ها
جي پيار جي آس نہ ٿئي ها
پل رنگ هجي ها دانش
پر گل ۾ واس نہ ٿئي ها

سوچڻ تي مجبور ڪري ويندا آهن
لوچڻ تي مجبور ڪري ويندا آهن
جذبا اڻ جهل آهن پوءِ بہ چو پيارا
روڪڻ تي مجبور ڪري ويندا آهن

ڪوڙجي حق سچ جو جهندو ڪوڙجي
چورجي چيڙن ڪي هاٽي چورجي
پيار ۾ پابوھ واري پونءِ تي
گهورجي جند جان پنهنجي گهورجي

موت ڪي مات ڏئي ويو آهي
سونهن سوغات ڏئي ويو آهي

چاھ جو ڏينھن ڪٽي ويو سورج
درد جي رات ڏئي ويو آھي

سوچ خوشبو جي چمن ۾ ويڙھيل
لفظ ڪاغذ جي ڪفن ۾ ويڙھيل
روح تڙپي ٿو، دل لڇي ٿي پئي
درد آ زخمي بدن ۾ ويڙھيل

رتو رت پير جي ٿي ويا تہ ڪھڙي ڳالھ آ ناصح
ڪنڊاون پيچرن تي ٿو ھلڻ لئہ حوصلو گھرجي
اسانجون منزلون اوکيون، اسان جو پنڌ سورج ڏي
اجھو پڙڪيا سي شعلن ۾، ٻرڻ لئہ عشق تو گھرجي

ويني ويني صديون پيي گذري ويندیون
ٿوري ھمت، حرڪت گھرجي جيون ۾
قدم قدم تي پوءِ اوھانجي منزل آ
بي باڪي ۽ جرئت گھرجي جيون ۾

اجا سجاڳ نہ ٿيندين تہ پيسجي ويندين
اگھور ننڊ صدين جي ڦٽاءِ تون هاڻي
اجا بہ وقت تي ويساھ ٿو ڪرين پيارا
اجـائي خـام خيالي مِـٽاءِ تـون هاڻي

اداسين جا پلئہ ڇڏ، تون مسڪراءِ ڪڻي
جئين اميد جا جگنو بہ جرڪندا ئي رهن
نهار وقت جي نيڻن ۾، لڙڪ روڪ پرين
تہ جيئن درد بيـابان ۾ پٽڪـنـدا ئي رهن

مِٽائڻ جي ڪوشش ڀلي ڪر تون مورک
سندم نانءُ تاريخ لکندي ئي رهندي
گلابن جي خوشبو گھُٽي ڪون سگھندين
هــوائن ۾ سرهاڻ اڏنـدي ئي رهندي

محبتن جي جڳھ نفرتون ڪٿان آيون!
قربتون ڪاڏي ويون وحشتون ڪٿان آيون!
خوشين جا ڏينهن ويا موڪلائي ڇو آخر؟

رڳو غمن سان ڀريل ساعتون ڪٿان آيون!

ڪنڌ ڪوري تو سِرَ ڏيڻ بدران
دورِ حاضر جو راءِ سياڻو آ
ظلم جي تند سرندي ڪان تڪي
تنهنجو ٻيجل فضول ماڻو آ


ويو اڏامي آ ڳـل ڳـل مان واس
آ دلين مان مري ويو احساس
ماڻهپي جو ڪجهي ويو ميت
درد جي ديس جو لِکو اتهاس

ماڻهپي جو ڪال ٿيندو تو وجي
۽ دلين ۾ خال ٿيندو تو وجي
نفرتن جا ڳاٽ اوچا ٿا ٿين
پيار ڇو پامال ٿيندو تو وجي

تنهجي اک ميري
من ۾ تئي کيري
ڌرتيءَ جا دشمن!
جاڻ پئجي پيري

ظلم سان ڏار ڏار تي ڌرتي
سِنڌُ جو سَنڌُ سَنڌُ ڇُٽڪي ٿو
زخم گهرا اجا ڀريا ناهن
پو بہ ويري ڏسو تہ پٽڪي ٿو

رتُ جو ريج نہ ڏي ڌرتيءَ کي
قربَ جي ٻج جي ضرورت آ
ظلم جي رات انڌياري نہ کپي
امن جي سج جي ضرورت




**ست رنگي** هڪ نئين شعري صنف آهي. جنهن کي منهنجي ناقص ذهن جنميو آهي. هي صنف پنهنجي نالي وانگر اندلٺ جهڙن ستن رنگن تي مشتمل آهي. هن جي ستن رنگن مان مراد ست موضوع آهن. يعني هر سٽ ۾ الڳ موضوع ، احساس يا منظر پنهنجي مڪمل معنىٰ ۽ مفهوم سان شامل آهي. ۽ ڪنهن به سٽ جو ٻي سٽ سان موضوعي لحاظ کان براه راست ڪو تعلق نه آهي، البته سموريون سٽون هم قافيه ۽ هم وزن آهن.. هيءَ نئين صنف مجموعي طور هر شاعر ۽ خاص طور غزل لکندڙ شاعرن کي ضرور قبول پوندي. هن صنف کي هٿي وٺائبي ته سنڌيءَ ۾ هڪ نئين صنف جو اضافو ٿيندو.

**۔ احسان دانش**

احسان دانش جو شمار سنڌس ٿهيءَ جي نمائنده شاعرن ۾ ٿئي ٿو، هن نه فقط جديد ۽ روايتي صنفن ۾ پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ جي سهائيءَ سان، ادب جي افق تي رنگ برنگي تارن جهڙا ٻول وکيري، پنهنجو ڌار مقام جوڙيو آهي، بلڪ ”ست رنگي“ نالي نئين صنف سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرائي هڪ ”نواڻ پيدا ڪندڙ شاعر“ هجڻ جو اعزاز به ماڻيو آهي. مون کي اها پڪ آهي ته هن اها صنف اهو اعزاز ماڻڻ جي شوق ۾ هرگز ڪانهي متعارف ڪرائي، پر جيئن هر شاعر تي هر هڪ سٽ پنهنجي اظهار جو نهيل نڪيل ويس اوڍي لهندي آهي، تئين ئي دانش جي فڪر جي اڱڻ تي هيءَ صنف پنهنجي جداگانه انداز سان ڪنهن سرمئي شام ۾ چوري چوري دٻيل قدمن سان پنهنجا پر پکيڙي اچي لٿي هوندي، جنهن جو ادراڪ خود شاعر کي به پني جي سيني تي ستن ئي سٽن جي مڪمل طور درج ٿي وڃڻ کان پوءِ ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ ته احسان دانش جون ست رنگيون پڙهندي، ڪٿي به شعوري ڪوشش جو رنگ ۽ انگ نظر نه ٿو اچي ۽ هن صنف جي بيساختگي، ان جو پاڻ مرادو ارتقا جو بيان ڏئي ٿي.

احسان دانش جي تخليق ڪيل هن سهڻي صنف ۾ ستن سٽن ۾ ساڳي قافيي جي پابندي هوندي، هر سٽ ۾ موضوع جي لحاظ کان الڳ الڳ اظهار فقط ڏکيو ئي نه بلڪ شاعريءَ جي ”مڪتبہ عشق“ (جنهن کي ٻين لفظن ۾ ’مڪتبہ سخن‘ چئجي) جي گوسڙو شاگردن لاءِ هڪ سخت سزا وانگر به آهي، جنهن کان يقينا ڪوڙ سارا شاگرد لنوائڻ ۽ پڇڻ جي ڪوشش به ڪندا ۽ ڪوڙ شاگرد شايد احسان جي آندل نواڻ کي قبول به نه ڪن. پر احسان دانش کي آءٌ مبارڪون ڏيندي اهو واضح طور چوڻ چاهيندس ته ڪيس يا سندس تخليق ڪيل هن سهڻي صنف ”ست رنگي“ کي ڪنهن به روايتي نقاد ياران قبوليت واري سرٽيفڪيٽ جي ضرورت ناهي، ڇاڪاڻ ته ”ست رنگي“ جي انفراديت ۽ اسلوب جو حسن خود سندس سرٽيفڪيٽ آهي. مونکي پڪ آهي ته سنڌي ادب جو هر غير جانبدار نقاد هن صنف جو دل سان آڌر ڀاءُ ڪندو.

- ياسر قاضي

○

- مان نہ ڇاڻان تہ سَکي ڇو آ رُني
- سنڌ ڄاوا نہ سنڌ کي ڏي پُني
- وڏڦڙي سان وري برسات اُني
- بي سُري راڳ کان آ سيند سُني
- نارِ پنهنجن جي هٿان آهي ڪُٺي
- زندگي زهر هجي پو بہ مِٺي
- طنز جي چيٽ لڳي ڪنهن نہ ڏِٺي

○

- منهنجا جذبا جوان ۽ اڻ جهل
- آ امن جو پکي اڄا گهايل
- سونهن جي سُرت نہ توکي پاڳل
- ڪيترو اڄ اداس آ ساحل
- قيمتي زندگي جو هڪ هڪ پل

- نازنينن جي نظر آ قاتل
- بس دعائن ۾ هجان مان شامل

○

- تنهنجي يادن جو وريو آهي واءُ
- سير آ سپ کو هتي کو ٻہ نہ پاءُ
- سڄ لهندڙ اڳيان تري پئي ناءُ
- آ ڏکيو دوستيءَ ۾ يار نياءُ
- کير ڌرتيءَ جو پريندو هي گهاءُ
- جونِ جي سڄ ۾ آ ڪيڏو تاءُ
- ڪيئن ڪَپي تو پيو ڳلو، پاءُ جو پاءُ

○

- امن جي آڙ ۾ ايڏي وحشت!
- بي رخي ايڏي، چوين تو چاهت!
- تون آن ڪاهل تہ چا ڪندي قدرت

- سنڌ واسي اڃان منجهل ٿئي مت!
- ماڻهپو ڪاڏي ويو ڪاڏي قربت؟
- ڇا ڪندين ميڙي ايتري دولت
- پيٽ جو ڪنڌ ڪپيئي، هي غيرت؟!

○

- آسمان تي ڪيئي ستارا هن
- ناوَ هڪڙي آ ٻہ ڪنارا هن
- ذري ذري ۾ سئہ اشارا هن
- ڪيئي دنيا ۾ بي سهارا هن
- هاءِ درياهہ پيي اجارا هن
- درد جا جيءَ منجھ جارا هن
- سنڌ جا ڪَکَ پَنَ بہ پيارا هن

○

- ڪيڏو جهڙ ڦڙ ميگھہ ملهار

- گوريءَ ڪوليا ڀنيا وار
- تِتليون گلڙن جي چوڏار
- چوهي آ سنڌوءَ جي ڏار
- آڳر تي ڪيڏن تا ٻار
- چونڪ چونڪ تي رت جي لار
- پوڙهو ڀيءُ اڪين مان نار

○

- ڪيڏي اڄ خوشگوار آ موسم
- حق چئبو ڀلي ڇيري ڪو ڇم
- گند جي ڍير تي ابنِ آدم
- منهنجي اندر ۾ وڇوڙي جو غم
- ڇو ٿو اڇلائين ڀيو ائٽم بم
- ڪو ته ڇيڙي ٿو سريلا سرگم
- هو ٻڪيو ٻار سندس نيڻ ٻه نم

○

➢ چاهه ڪپي خيرات نہ گهرجي

➢سنڌوءَ کي سڪرات نہ گهرجي

➢ڏنپ نہ ڏي جا ڏاتہ نہ گهرجي

➢جيت گهران ٿو مات نہ گهرجي

➢مفلس جي ڪنڊِ ڪات نہ گهرجي

➢واريءَ جو محلات نہ گهرجي

➢هوش هجي جذبات نہ گهرجي

